# مگر

# "ڪنهن نه سچاتو"

## (شاعري)

## الاهي بخش سانگي

سابق تعليمي ماهر

ترتيب

**الاستاد الشيخ محمد حسن يحيٰ القرشي**

بي اي (آنرز) بي ايڊ

ايم اي (اسلامڪ ڪلچر) ايم اي (عربي)

**مڪتبہ الحرا ٽريچاڙي سانگي (ضلع سکر)**



ڪتاب
مگر ڪنهن نہ سچاتو (شاعري)
الاهي بخش سانگي (سابق تعليمي ماهر)
ترتيب
الاستاد شيخ محمد حسن يحيٰ القرشي
اي ڪمپوزر
عبدالجبار شيخ (اسسٽنٽ پروفيسر)
تعداد
هڪ هزار
سال
2011
ڇپائيندڙ
مڪتبہ الحرا ٽريچاڙي سانگي ضلع سکر



# مرحوم حاجي عبدالمالڪ سانگي



# الاهي بخش سانگي صاحب


www.sindhsalamat.com

# مرحوم حاجي عبدالمالڪ سانگي

ماڻهو سڀ نہ سهڻا ، پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ ، اچي بوءِ بهار جي

سنڌ جي سر زمين تي خالق اڪبر جي خاص عنايت ۽ پڻ احسان آهي جو هن ڌرتيءَ تي ڪيترائي اهل الله، صالح سچار، بي باڪ ۽ حق گو هستيون پيدا ڪيون آهن جن جي ندگي مثالي حيثيت ۽ سندن صداقت هڪ ضرب المثل آهي. انهيءَ صداقت واري قافلي جي قطار ۾ اسان جي اڪين جنهن هستيءَ کي ڏٺو سا هستي مرحوم حاجي عبدالمالڪ سانگي عرف حاجي ماڪن سانگي هو.

جيئن تہ عام طور اهو ئي مشهور آهي تہ سانگي قوم، خانہ بدوش قوم هئي ۽ ان جو ڌنڌو مال چارڻ ۽ مال جي چاري ۽ سڪ لاءِ ماڳ مٽائڻ ڪرت رهي يعني هو هڪ هنڌ ڪڏهن بہ ڳوٺ ٻڌي نہ ويدا. انهيءَ ڪري مٿن نالو سانگي يعني سانگ واري قوم پيو. مگر محقق ، تاريخ نگار انهيءَ تاويل سان اتفاق ڪونہ ٿا ڪن. سندن دليل آهي تہ سانگي قوم جي موجود معاشرتي حيثيت ڪلچر ۽ سنڌ جي قومي تاريخ اهو ٻڌائي ٿي تہ اهڙي مهذب ۽ بهادر قوم ، ڪڏهن بہ خانہ بدوش ٿي ڪونہ سگهي ٿي. هن قوم ۾ صاحب بصيرت صوفي شاعر ۽ سگهڙ پيدا ٿيندا آيا آهن ۽ هن وقت بہ روان دوان آهن ۽ ساڳي طرح قومي هر دلعزيز ليبر ۽ صاحب مناسب هستيون پڻ موجود اهن. اهڙي قوم کي خانہ بدوشي واري خطاب سان ياد ڪرڻ زيادتي آهي.

هڪ تاريخي اشاري سان اسين اهو ٻڌائي سگهون ٿا تہ سانگي قوم اصل راجپوت قوم جي هڪ شاخ آهي. جنهن جو اصل نالو "سنگي راجپوت" آهي جو هن وقت بہ انديا جي رياست اجمير ۾ مسواڙ ۾ پڻ موجود آهي. انهيءَ علائقي جا راجپوت رانوڙ جن جو ڪجهہ حصو رياست ميواڙ جي "راجا راڻا سنگهہ" جي فوج ۾ ڀرتي ٿيو ۽ ساڻس وفاداريءَ ۾ پيوستہ هئڻ سبب راجا جي نالي جي نسبت سان "سنگي" مشهور ٿي ويو. اهڙي طرح راجپوت قوم جون ٻہ شاخون هڪ شاخ رانوڙ ۽ ٻي سنگي مشهور ٿي ويون.

راجا راڻا سنگهہ سال 1627ع ۾ مغل بادشاهہ بابر سان آگرهہ کان 37 ميل پري





ڪنواهہ جي ميدان ۾ جنگ ڪئي. جنهن ۾ راجا شڪست کاڌي ۽ زخمي ٿي فرار ٿي ويو ۽ لشڪر پڻ ڇڙوڇڙ ٻچي موٽي ماڳ آيو.(1) ۽ راجا راڻا سنگهہ ٻن سالن کان پوءِ فوت ٿي ويو.

رياست ميواڙ جا سنگي راجپوت ، سلطنت مغليه جي خلاف وقت بوقت بغاوت ڪندا رهندا هئا، جن کي مغل حڪومت دٻائي ڇڏيندي هئي ۽ آخر اورنگزيب جي عهد ۾، راجا جسونت سنگهہ جي پڙڪاڻ تي سوڍا حڪمرانن جي مدد سان سنگي راجپوتن اورنگ جي خلاف سخت بغاوت شروع ڪئي، جنهن بغاوت کي مات ڪرڻ لاءِ اورنگزيب پنهنجي وڏي پٽ شهزادي اڪبر کي وڏو لشڪر ساڻ ڏيئي سندن خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو، پر شهزادو اڪبر شڪست کائي ويو. شهزاده جي شڪست کانپوءِ اورنگزيب خود سال 1679ع ۾ وڏو لشڪر سڻ ڪري سنگي راجپوتن جي خلاف چڙهائي ڪئي ۽ سنگي راجپوت خائف ٿي وياءِ هٿيار ڦٽا ڪري پيش پيا ۽ پڻ معافي ورتائون. اورنگزيب کين معاف ڪيو ۽ سندن درخواست تي جسونت سنگهہ جي پٽ راڻا جي سنگهہ کي سندس گاديءَ تي ويهاريو (جسونت سنگهہ فوت ٿي ويو)

اورنگزيب عالمگير اسلام سان دلي محبت رکندڙ هو. هن ڪيترائي اسلامي مدرسہ ، دارالعلوم ۽ اسلامي تبليغ جا مرڪز قائم ڪيا ۽ سيالڪوٽ ۾ هڪ وڏو ديني درسگاهہ قائم ڪيائين جنهن ۾ تعليم ۽ تدريس لاءِ ماهر استاد مولوي عبدالحڪيم ۽ مولوي عبدالله کي مقرر ڪيوءِ پنهنجي پراني استاد ملا.صالح (ملا جيون) جي مشوري سان رياست ميواڙ ۾، جيڪو سنگي راجپوتن جو ڳڙهہ هو هڪ وڏو ديني درسگاهہ ۾ پڻ تبليعي مرڪز قائم ڪيائين. جنهن جو انتظام هلائڻ، پڙهائڻ ۽ ديني تبليغ لاءِ سنڌ ما ن برک علماء، استاد ۽ مبلغ گهرايائين ڇوتہ ان وقت ٺٽو عالم اسلام ۾ دين جو هڪ وڏ مرڪز هو ۽ مذهبي علوم ۾ ڪافي مشهور هو(1) قرين قياس آهي تہ ان وقت تبليغ سان سنگي راجپوتن اسلام قبول ڪيو هجي ۽ وڌيڪ تعليم ۽ تربيت لاءِ استادن جي وساطت سان ٺٽي سنڌ ۾ آيا هجن ۽ پنهنجي خاندان سميت سنڌ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي هجين ۽ بعد ۾ وقت گذرن سان "لفظ سنگي، ڦري سنڌي لهجي ۾ الف اضافت سان "سانگي" ٿي ويو هجي ڇو تہ اهڙو مثال پڻ هن وقت ۾ موجود آهي جو اردو جي لفظ "مهنگي" کي سنڌي لهجي ۾ الف جي اضافت سان "مهانگي" استعمال ڪيو پيو وڃي.

بهرحال مرحوم حاجي عبدالمالڪ پنهنجي قوم جو رئيس ۽ پڳدار هو ۽ سندس

قوم تي ڪافي ضابطو هو. مرحوم جي ابتدائي عمر جي عرصہ جي ڄاڻ اسان ڪي اهڙي پوري ڪانہ آهي البتہ اسان جي اکين جڏهن ڪيس ڏٺو تہ هو ان وقت صاحب عظمت ۽ عظيم انسان و بزرگ هو. مرحوم پنهنجي ڪهاڻي پاڻ بيان ڪندي چيو تہ:" منهنجو ابتدائي دور نهايت سرڪشي ۾ گذريو. وڏيرڪا سڀ وڪڙ موجود هئا ۽ دين کان بنهہ بي خبر هوس. البتہ وڏيرو هوندي بہ ظلم ، زور ۽ زيادتي کان بلڪل بيزار ۽ پري هوس. غريبن ۽ مظلومن سان همدردي جو جذبو موجود هو. ۽ جڏهن سال 1928ع ۾ ٽريچاڙي شهر(جيڪو اڳ جهانگڙي روهڙيءَ جي قريب هو) درياهہ سنڌ پاتو ۽ شهر پائجي ويو.

ماٺهن لڏ پلاڻ ڪئي ۽ ٽريچاڙيءَ جو مشهور بزرگ حضرت مولانا عبدالعزيز رحہ صاحب بہ لڏي هت سانگي شهر ۾ اچي آباد ٿيا ۽ ڳوٺ جي هڪ حصي ۾ پنهنجو ڳوٺ ٽريچاڙي جي نالي سان ٻڌائون ۽ اتي جامع مسجد ۽ وڏو اسلامي مدرسو قائم ڪيائون.

حضرت عبالعزيز صاحب رحہ هڪ ڪامل ولي الله ، صاحب بصيرت، عالم باعمل درويش صفات جو مالڪ ۽ انسان ذات سان بي حد پيار ڪرڻ وارا هئا. سندن خدمت ۾ غير مسلم بہ حاضر ٿي فيضياب ٿيندا هئا. حضرت صاحب جن جي زيارت ڪرڻ ۽ ساڻن ملاقات ڪرڻ جو اتفاق هن طرح ٿيو جو هڪ دفعي آءٌ ٽريچاڙي جي جامع مسجد وٽان لنگهيس. جمعي جو ڏينهن هو. حضرت مولانا صاحب جن جمعي جي نماز کان اڳ جماعت کي نصيحت آميز وعظ فرمائي رهيا هئا. سندن تقرير نهايت پُر اثر هئي. آئون مسجد جي ٻاهران سندن تقرير ٻڌڻ ويهي رهيس. سندن تقرير جي چند جملن منهنجي دل تي بي حد اثر ڪيو. ۽ منهنجي دل دماغ ۾ حق جي تلاس جي تڙپ پيدا ٿي. آخر مسجد ۾ وڃي جماعت سان ويهي واعظ ٻڌڻ ۽ نماز پڙهڻ جو خيال پيدا ٿيو پر انهيءَ ارادي سان مسجد ڏانهن وريس. وضو ۽ نماز جي ارڪان کان بي خبر هوس. آخر ٻاهران هڪ نمازيءَ جي مدد سان وضو ڪري مسجد اندر داخل ٿيس ۽ تقرير ٻڌڻ لڳس، نماز جماعت سان پڙهيم. حضرت جن جڏهن نماز کان فارغ ٿيا. تڏهن سندن خدمت ۾ حاضر ٿي باادب ويهي ڪين عرض ڪيم تہ سائين! مون کي بہ الله تعاليٰ جي واٽ وٺايو ۽ الله جي نالي جو ذڪر ڏسيو. اهو ٻڌي پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ دين جا بنيادي ارڪان بيان فرمائي هڪ تمام ڏکي نصيحت ڪيائون. جنهن ۾ دين ۽ دنيا جي فنائيت ۽ آخرتجي بقا ۽ ڀلائيءَ جا ڪيترائي مثال ڏنائون. بعد ۾ الله جي نالي جو ذڪر ڏسيندي منهنجي ڀلائيءَ لاءِ هڪ ڏکي دعا فرمايائون ۽ ٻڌايائون تہ پٽ! تنهنجو



هت اچڻ ڪو اتفاقي واقعو نہ آهي. بلڪہ الله تعاليٰ جو گُهر آهي جو تون هت آيو آهين. مرحوم وڏيڪ چيو تہ مرنهنجو اصل نالو "وڏيرو ماڪن" هو. پوءِ ان ڪي ڦيرائي منهنجو نالو "عبدالمالڪ" رکيائون ۽ بيان ڪندي مرحوم وڏيڪ ٻڌايو تہ:

جڏهن ذڪر وٺي سندس مجلس مان ٻاهر نڪتس تڏهن ڏٺم تہ منهنجي دل جي دنيا ئي ڦري وئي آهي. منهنجي سوچ ۽ فڪر ۾ ڦيرو اچي ويو ۽ دل کي قوت ۽ ذهن ۾ سرور ۽ سڪون پيدا ٿي ويو. هر شيءِ مان سرور اچڻ لڳو ۽ هر ڪم ۾ برڪت محسوس ٿيڻ لڳي. مون کي پوءِ گهر ۾ گهڻ آرام اچڻ لڳو. ٻني ٻاري جو سماءُ ۽ سڌ لهي ۽ ڪڙمين ڪاراون کي سمجهائي ڏيئي، سڌو سنئون سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو رهندو هوس ۽ سندن فيض کان مستفيض ٿيندو رهندو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن دعا لاءِ پنهنجي پٽ الاهي بخش کي بہ ساڻ وٺي ويندوهوس ۽ سندن خدمت ۾ ويهڻ وقت منهنجي جسم ۾ عجيب ۽ پُر سرور ڪيفيت پيدا ٿي ويندي هئي. الله جي خوف سبب دنيا کان دل کڄي ويندي هئي. اهڙيءَ طرح خالق اڪبر هڪ ڪامل ولي الله جي سويلي مون کي ايمان جو هڪ بي انتها خزانو نصيب فرمايو.

مرحوم عبدالمالڪ هاڻي پنهنجي زندگيءَ جو آغاز هڪ نئين نهج تي ڪيو ۽ دين اسلام جي احڪام جي پوري پوري پيروي ڪرڻ لڳو. صورت ۽ سيرت کي بلڪل سنت نبوي ﷺ مطابق بڻايائين. هر ڪم دين اسلام ۽ شريعت محمدي ﷺ مطابق ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. جفاڪشي ۽ محنتي مزاج جو مالڪ تہ اصل کان هو ۽ زميندار هوندي ٻهپنهنجي قوت گذران لاءِ پنهنجي ٻني پاڻ ڪيڙيندو هو ۽ باقي زمين ڪڙمين کي بٽائي تي ڏيندو هو. هڪ دفعو هڪ ٽترن جو شڪاري بندوق سميت مرحوم حاجي صاحب جي زمين وٽان لنگهيو. حاجي صاحب زمين ڪيڙي رهيو هو. پوءِ شڪاريءَ ڪانئس پڇيو تہ حاجي صاحب ! اوهين پاڻ هَرُ ڪاهي رهيا آهيو. ڪڙمي اوهان وٽ ڪافي موجود آهن ۽ اناج جا انبار اوهان وٽ آهن. اوهان کي پاڻ پوڪ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڪيس جواب ۾ چيائين تہ آءٌ توکي ان جو جواب ڏيان ٿو، پر پهريائين ٻڌاءِ تہ تون ٻن ٽترن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ايڏي ساري جهنگ ۾ اچڻ جي چو تڪليف گوارا ڪئي آهي. حالانڪ اهي ٽتر شهر جي مارڪيٽ ۾ ٿورن پيسن ۾ آسانيءَ سان ملي سگهن ٿا، نہ تڪليف ۽ نہ وري خرچ. شڪاري جواب ۾ ڪيس چوڻ لڳو تہ حاجي صاحب اهو برابر آهي پر جيڪو پنهنجي هٿ سان ۽ تڪليف ڪاٽي شڪار ڪري ان جي ڪائڻ ۾ مزو ۽ خوشي ٿئي ٿي سا مارڪيٽ مان پڪي خريد ڪري ڪائڻ ۾ هرگز اهو

ڪري رهيا آهن.

(4) بلندي کي عجز ۽ انڪساري ۾ پوشيده رکي ڇڏيو آهي. مگر ماڻهو ان کي غرور ۾ تلاش ڪري رهيا آهن.

(5) دعا جي مقبوليت کي مون لقمئه حلال ۾ پوشيده رکيو آهي مگر ماڻهو ان کي لقمئه حرام ۾ تلاش ڪري رهيا آهن.

(6) تونگري کي مون قناعت ۾ پوشيده رکيو آهيم مگر ماڻهو ان کي حرص ۾ تلاش ڪري رهيا آهن.

۽ وڌيڪ ٻڌايائون ته:

“جيڪي شخص الله تعاليٰ تي ايمان آڻين ٿا. انهن جي سڀ کان وڌيڪ محبت فقط الله تعاليٰ سان هوندي آهي. اهي هر وقت ۽ هر گهڙي الله تعاليٰ جي ياد ۾ مشغول رهند آهن. الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ ۾ ڪين تمام گهڻو سڪون حاصل ٿيندو آهي. اهڙن شخصن جو الله تعاليٰ تي ڪامل ڀروسو هوندو آهي. اهڙائي شخص آهنجن کي نه دنيا ۾ ڪو غم هوندو آهي ۽ نه وري آخرت ۾ ڪو خوف ۽ خطرو.

اهي عظيم ۽ ڏاهيا انسان آهن، جن دنيا کي مسافر خانه سمجهيو ۽ آخرت واري زندگي کي پنهنجو حقيقي گهر.

در حقيقت هيءُ اهل الله ۽ درويش شخص نه صرف سانگي قوم لاءِ پارس هو بلڪ علائقي جي تمام آبادي لاءِ رحمت ۽ برڪت جو باعث هو مگر هنولي الله کي ڪنهن به نه سڃاتو. سندس فيض کان محروم رهجي ويا. هيءُ اهل الله فرشته صفت درويش پنهنجي عمر پوري ڪري سال 1990ع ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. انا لله وانا اليه راجعون.

اتفاق چئجي يا محبت سندس وفات وقت آئون راقم الحروف ان جي پيراهن کان ويٺو هوس. ڪلمه طيب پڙهڻ سان گڏوگڏ سندس زبان مبارڪ مان لفظ “رحمت رحمت” ٻڌندو رهيس ۽ اها نشاني الله وارن جي وفات وقت هوندي آهگي. جو رحمت جا ملائڪ موجود هوندا آهن ۽ الله جي رحمت ۽ جنت جي خوشخبري ڏيندا آهن.

## سندس اولاد:

مرحوم درويش کي نرينه اولاد ۾ صرف ٻه فرزند ٿيا. هڪ محمد حسين ۽ ٻيو الاهي بخش، محمد حسين سندس حياتي ۾ جڏهن پاڻ حج تي ويل هو وفات ڪري ويو ۽ محترم الاهي بخش حال حيات آهي. جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو.



سنڌ سلامت ڪام

# محترم الاهي بخش سانگي

جيئن ته مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته مرحوم حاجي عبدالمالڪ سانگي جي نرينه اولاد مان محترم الاهي بخش سانگي حال حيات آهي. هيءُ محترم سال 1923ع ۾ سانگي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. هيءُ فطري طور نهايت هوشيار ۽ ذهين هو. پر جيئن ته شروعات ۾ سانگي ڳوٺ ۾ اسڪولي تعليم جي سهولت موجود ڪونه هئي يعني ڪوبه پرائمري اسڪول قائم ڪونه هو. انهيءَ ڪري سندس والد ديني مدرسه ۾ ملا سومرو سانگي وٽ قرآن مجيد جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 3 ڪيس ويهاريو. ذهانت ۽ هوشياري سبب هن تمام جلد قرآن مجيد پڙهي پورو ڪيو ۽ پوءِ فقه جا وڌيڪ مسئلا سکڻ لڳو. ٽرتيچاٽي شهر جي لڏي اچڻ سبب سانگيءَ ۾ پرائمري اسڪول قائم ٿيو ۽ الاهي بخش ام داخلا ورتي. هوشيار ۽ محنتي هئڻ سبب پهرين ٽي درجه ۾ هن امتيازي پوزيشن حاصل ڪئي ۽ ساري اسڪول جا ستاد ڪيس ڀانئڻ لڳا ۽ ڪيس مانيٽر مقرر ڪيائون. انهيءَ دوران هن مڊل اسڪول اسڪالرشپ جو امتحان پاس ڪري. اسڪالرشپ حاصل ڪئي ان بعد سنڌي فائنل امتحان پاس ڪيائين جنهن ۾ سکر سينٽر ۾ ٽيون نمبر پوزيشن حاصل ڪيائين. ساڳي وقت هاءِ اسڪول اسڪالر شپ امتحان پاس ڪري اتان 12 روپيه اسڪالرشپ حاصل ڪيائين.

سيڪنڊري تعليم جي سانگي شهر ۾ سهولت نه هئڻ سبب محترم مزيد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سکر شهر ۾ منتقل ٿيو ۽ هاسٽل مدرسه الاسلام Paying Boarder جي حيثيت ۾ رهي پنهنجي تعليم کي جاري رکيائين ۽ نيو ماڊل هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ ميٽرڪ جو امتحان تلڪ چاڙهي ها 3 اسڪول مان پاس ڪيائين جنهن ۾ به امتيازي پوزيشن حاصل ڪيائين ڪيس فارسي زبان پڙهڻ جو ڪافي شوق هو. جنهن ڪري فارسي جي مختلف استدن کان فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. فارسيزبان تي ڪافي عبور حاصل ڪيائين ۽ سال 1949ع ۾ مين اسڪول روهڙي ۾ ڪجهه وقت لاءِ پرائمري ٽيچر طورڪم ڪيائين ۽ وري جلد ميونسپل هاءِ اسڪول روهڙي ۾ انگلش ٽيچر ٿيو. ٿوري وقت ڪانپوءِ اها نوڪري ڇڏي سکر ميونسپل ۾ شاپ انسپيڪٽر جو عهدو ورتائين ۽ لا ڪاليج ۾ به داخلا ورتائين ليڪن پنهنجي والد جي ناراضگي سبب اهو عهدو ڇڏي وري تعليم کاتي ۾ موٽي آيو. سانگي مڊل اسڪول ۾ انگلش ٽيچر مقرر ٿيو. ۽ اتان هاءِ

سرور ڪونہ ٿو اچيۓ نہ وري ٻئي جي شڪار ڪيل پڪيءَ مان ڪو مزو اچي ٿو. حاجي صاحب ڪيس چيو تہ پٽ! توهان پنهنجي سوال جو پاڻ جواب ڏنو آهيتہ پنهنجي هٿ سان ڪمائي ۾ محنت ڪري جيڪا روزي حاصل ڪجي ٿي. ان جي ڪائڻ ۾ جيڪا لذت ، سرور ۽ خوشي حاصل ٿئي ٿي اها ڪنهن ٻئي ذريعي سان هرگز حاصل ٿي نہ ٿي سگهي.

مرحوم حاجي صاحب ڪي ڪا ظاهري تعليم حاصل ڪون هئي. البتہ الله تعاليٰ ڪيس بي حد لياقت ، ذهانت جو خزانو عطا ڪيو هو ۽ تجربہ جي بنياد تي بہ ڪيس ڪافي مهارت حاصل هئي. هو هر انسان کي ان جي هلت، چلت ۽ گفتار مان ان جي مزاج ۽ نيت کي پروڙي وٺندو هو. صحيح فيصلو ڪرڻ ۽ انصاف تي نبيري ڪرڻ جو ڪيس خداداد مَلڪو حاصل هو. بي ريا ۽ حق انصاف تي هلندڙ هو. ڪيڏو بہ وڏو ماڻهو ڇو نہ هجي ڪيس هق ۽ سچ سامهون ڇٽي ڏيندو هو. مظلوم جي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو ۽ ظالم کي سندس ظلم کان روڪڻ لاءِ هرطرح جا اپاءَ استعمال ڪندو هو. مائٽن ۽ مٽن سان نهايت همدردي ۽ شفقت سان پڻ پيش ايندو هو. ڏک، سک ۾ ساڻن ساٿ ڏيندو هوبلڪہ ڏکئي وقت ۾ سندن مالي مدد بہ ڪندو هو. چند شرير ۽ متعصب مائٽ ڪيس تڪليفون بہ پهچائيندا هئا. پرصبرۓ استقامت سان ڪم وٺندي ڪين درگذر ڪري ڇڏيندو هو. هڪ دفعي دوران گفتگو حضرت احمد علي لاهوري رحہ صاحب لاهوريءَ جو ذڪر ڪندي ٻڌايائون تہ حضرت لاهوري هڪ مجلس ۾ ٻڌايو تہ "مائٽن رشتيدارن کي پنهنجي پنيءَ جو گوشت وڍي ڪارائيندو تہ بہ اهي خوش ۽ راضي هرگز ڪونہ ٿيندا. سو ان جو علاج اهو آهي تہ پنهنجي مائٽن جو ڪوبہ حساب پاڻ تي هرگز نہ رکو ۽ پنهنجو حساب ڪائڻ شفقت سان طلب ڪريو. اگر نہ ڏين تہ صبر ڪان ڪم وٺو."

مرحوم حاجي صاحب حصول رزق ۾ ڪافي سوچ ۽ اعتماد ڪان ڪم وٺندو هو يعني رزق حلال حاصل ڪندو هو. حرام جي روزي ڪان بلڪل پري پر شبهہ واري شيءِ ڪان بہ پري ڀڄندو هو. ايتري قدر جو سندس فرزند محترم الاهي بخش سانگي سکر ۾ شاپ انسپيڪٽر آفيسر مقرر ٿيو. تڏهن سندس آمدنيءَ کي مشڪوڪ سمجهي ان جي ڪا بہ شيءِ نہ ڪائيندو هو ۽ نہ گهر لاءِ ڪجهہ وٺندو هو. توڙي جو سندس فرزند الاهي بخش ڪافي يقين ڏياريو تہ هيءُ رزق حلال مان آهي تڏهن بہ ڪيس چيائين تہ، "منهنجي دل گوارا نہ ٿي ڪري. البتہ اها نوڪري ڇڏي، جيڪڏهن تون ماستريءَ جي نوڪري اختيار ڪندين تہ مون کي ڏاڍي خوشي حاصل ٿيندي." پوءِ محترم الاهي بخش سانگي پنهنجي والد جي امر جي اطاعت ڪندي انهيءَ عهدي تان استعفيٰ ڏيئي ماستري جي سروس اختيار ڪئي. پوءِ پيءُ جي خوشي ۽ دعا ڪيس وڏي عروج تي پهچايو.

علائقي جا اڪثر رهواسي پنهنجي تنازعن کي نبيرن لاءِ وٽس ايندا هئا. ان کي نهايت خوش اسلوبيءَ سان نبيري ڌرين کي راضي ڪري ڇڏيندو هو. حضرت مولانا عبدالعزيز ٽريچاڙوي پنهنجي جماعت جي ماڻهن جا فيصلا نبيرڻ لاءِ ڪين ڏانهس موڪليندا هئا جن کي نهايت بهتر طريقي ۽ انصاف سان نبيريڇڏيندو هو. انهيءَ ڪري حضرت صاحب جن ڪيس "مؤحد" ۽ "مجاهد" جي لقبن سان سڏيندا هئا . جيڪو واقعي سندس حق هو. تجربہ ۽ بصيرت جي بنياد تي مرحوم کي جيڪا بہ اڳڪٿي ڪندو هو اها اڪثرت سچي ثابت ٿيندي هئي. بااثر شخصيت هوندي بہ سياست ۽ اهڙن معاملن ڪان بلڪل پري رهندو هو. نهايت مجبور ڪرڻ تي اليڪشن ۾ انهيءَ ماڻهو جو مدد ڪندو هو جنهن کي مناسب سمجهندو هو. مقامي وڏيرن ، زميندارن ۽ وڏن ماڻهن سان گهرا تعلقات هوندي بہ ڪڏهن بہ سندن درتي ڪنهن بہ مدد لاءِ ڪونہ ويندو هو ۽ منجهن ڪا بہ اميد ڪونہ رکندو هو. البتہ جڏهن وڏيرا کي وٽس ايندا هئا تہ اخلاقي طور سندن ڪافي آدرڀاءُ ڪندو هو. ايمان جي قوت ۽ توڪل علي الله سندس ايڏي تہ مضبوط هوندي هئي جو چوندو هو تہ اهي انسان پاڻ مفلس ۽ محتاج آهي. ٻئي جي ڇا مدد ڪري سگهندا. ڇو نہ مدد لاءِ انهيءَ مالڪ حقيقيءَ کي پڪاريون جنهن جي ساري مخلوق محتاج آهي.

صدقات ۽ خيرات ۾ مرحوم پيش پيس هوندو هو. ڪڏهن خفيہ ۽ ڪڏهن اعلانيہ خيرات ڪندو هو. پنهنجي زمين جو ڪجهہ حصو مدرسہ ٽريچاڙي ۽ جامع مسجد ٽريچاڙي لاءِ وقف(بخش) ڪري ڇڏيائين جيڪو اڄ تائين سندس صدقہ جاريہ آهي ۽ انهيءَ زمين مان مسجد ۽ مدرسي جون ضروريات پوريون ٿينديون رهن ٿيون.

سال 1952ع ۾ پنهنجي نيڪ بخت ساٿي مرحوم حاجي عبدالرحيم صاحب جاگيراڻي سان گڏجي حج مبارڪ جي سعادت حاصل ڪري آيو. وطن واپس اچڻ تي بيت الله شريف ۽ روضہ اطهر ۽ مسجد نبوي جي زيارت جي ڪيفيت ۽ برڪات جو بيان ڪندي نهايت آبديده ٿي ويندو هو.

عفو ۽ درگذر ڪرڻ کي ڏاڍو پسند ڪندو هو. ڪڏهن بہ ڪنهن جي غيبت ڪونہ ڪيائين ۽ نہ وري ڪنهن جي خلاف ڪا بہ گار گند ۽ ناشائستہ الفاظ استعمال ڪيائين. جيڪڏهن ڪيس ڪنهن بہ ڪا بہ تڪليف پهچائي تہ ڪاوڙ مان صرف ايترو

اظهار ڪندو هو ته الله تعاليٰ جانورن واري صفت مخلوق انسانن جي شڪل ۾ به پيدا ڪئي آهي.

معاملات ۾ حق ۽ انصاف تي هلڻ ۾ مشهور ۽ معروف هو. پنهنجن ڪڙمين ۽ ڪاراون سان ڏاڍي سهڻي سلوڪ سان پيس ايندو هو ۽ ڪين خوش رکندو هو. انهيءَ ڪري اهي به سانس ڏاڍي محبت ڪندا هئا ۽ عزت سان پيش ايندا هئا.

ڪوشش ڪري پنهنجي ذات جو ڪم اڪثر پاڻ ڪندو هو ۽ چوندو هو :

" پنهنجي خدمت جو بارڀئي ڪنهن تي هر گز رکڻ نه گهرجي توڙي جو گهٽ هجي ياوڌ. "

مون راقم الحروف سان سندس ڏاڍو پيار هو. منهنجي ڏاڍي عزت ڪندو هو. آءٌ اڪثر سندس خدمت ۾ زيارت ۽ دعا لاءِ ويندو رهندو هوس ۽ گهڻو ڪري ڪيس پنهنجي زمين تي ڪم ڪندي ڏسندو هوس. دوران محنت الله تعاليٰ جي ذڪر بالجهر ۾ مشغول ڏسندو هوس آءٌ ڪنهن به وڏي سفر تي روانو ٿيڻ کان اڳ دعالاءِ سندس خدمت ۾ ضرور ويندو هوس ۽ پوءِ ڏسي پنهنجو ڪم ڪار ڪي ڇڏي مون سان مجلس ڪرڻ لا 3 اچي ويهندو هو ۽ منهنجي ويهڻ لاءِ پنهنجي چادر وڇائيندو هو ۽ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ جي ڳالهه ٻولهه ڪندو هو. عالمن سڳورن ۽ الله وارن ج محبت ۾ اڪثر ويهڻ ڪري سندس ٻڌ سڌ ڏاڍي هئي. نصيحتن جا عجيب نسخا بيان ڪندو هو. هڪ دفعي بيان ڪندي فرمايائين ته:

" موجوده مسلمانن جي عقل ۽ايمان ڪي الائي ڇا ٿي ويو آهي هو معمولي مرض لاءِ ڪنهن ڊاڪٽر وٽ جڏهن وڃي ٿو ته هو ڊاڪٽر ڪيس چيڪ ڪري ڪجهه دوايون ۽ پرهيز ٻڌائي ٿو ۽ چند شين جي کائڻ کان منع * چند شين جي کائڻ جي هدايت ڪري ٿو. هو مسلمان مريض انهيءَ انسان ڊاڪٽر جي هدايتن تي پابندي سان عمل ڪندي گهر ۾ اچي چوي ٿو ته " مون ڪي فلاڻي شيءِ جي کائڻ لاءِ ڊاڪٽر منع ڪئي آهيانهي ڪري اها هر گز نه ڪائيندس ٻي حالت ۾ مون ڪي نقصان رسندو ۽ فلاڻي شيءِ کائڻ جي هدايت ڪئي آهي اها شيءِ ڪائيندس سو منهنجي لاءِ اها تيار ڪريو ۽ فلاڻي شيءِ نه ڪائيندس جو ڊاڪٽر منع ڪئي آهي ورنه نقصان رسندو. "

ساڳي وقت سندس خالق اڪبر روحاني بيمارين جي علاج لاءِ قرآن شريف ۾ بي حساب نسخا بيان فرمايا آهن ۽ انان ڪي سندس بچاءَ لاءِ بهترين طريقا کائڻ پيئڻ جا احڪام ۽ نقصانڪار شين جي کائڻ کان پرهيز ۽ پاسو ڪرڻ جون هدايتون فرمايون آهن مگر پنهنجي خالق اڪبر جي هدايتن ڪي نظرانداز ڪندي







ان جي ابتڙ هلي خوب کائي ٿو يعني مسلمان هڪ عام انسان تي اعتبار ڪري عمل ٿو ۽ خالق اڪبر جي هدايتن تي اعتبار نه ٿو ڪري. افسوس آهي انهيءَ مسلمان جي عقل ۽ ايمان تي ۽ هڪ وڌيڪ مثال ڏيندي فرمايائين ته:

"موجوده زماني جي حساب ۾انسان جي عمر جو عام طور مدو تقريبا سراسري طور پنجاهه ورهيه آهي. جنهن مان پنج ورهيه ٻالپڻ واراڪيجن ته سراسري 45 ورهيه عمر بيهي ٿي. انهن سالن ۾ 25 سال ورهيه انسان پڙهي ٿو يا هنر ۽ ڌنڌو سکي ٿو ته جيئن هو آخري ويهه ورهيه خوش ۽ سڪون سان گزاري. مسلمان جو اهو عقيدو آهي ته هيءَدنيا فاني آهي ۽ آخرت واري زندگي ابدي آهي. فاني دنيا جي زندگي جي 29 ورهيه جي بهتري لاءِ 25 ورهيه جاکوڙ ڪري ٿو ۽آخرت واري ابدي زندگي لاءِ جنهن ۾ موت هر گز نه آهي پورا پنجويهه ڏينهن به ڪونه خرچ ڪري ٿو. بلڪ آخرت لاءِ ڪابه تياري ڪونه ٿا ڪريون. اسين مسلمان ڪيڏا نه پليل آهيون!" وڌيڪ فرمايائون ته:

نيڪ ۽ صالح انسان جي صحبت ۽ اهل الله جي نظر اسان جي باطني بيمارين کي بلڪل ختم ڪري ڇڏي ٿي. انسان جو نفس سرڪش ۽ فريب ڏيندڙ آهي۽ انسان ڪي فريب ۽ غرور ۾ رکي سبز باغ ڏيکاري ۽ خيالات تي تصرف ڪري ڪيس گمراهه ڪري ڇڏي ٿو. نتيجتًا انسان دنيا جي حرص ، فريب ۽ لالچ ۾ اچي اصليت کان غافل ٿي وڃي ٿو. هڪ ديني مجلس ۾ هڪ ٻڌل حديث جو متن بيان ڪندي مرحوم ٻڌايو ته پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو آهي ته:

" حرص جو پيٽ هر گز پرجٽو ڪونه آهي. انسان ڪي جيڪڏهن سون جي هڪ ماٽري هوندي ته ٻي ماٽريءَ جي خواهش ڪندو. اهڙي طرح وري ٽين ماٽري جي خواهش ڪندو. اهڙي طرح خواهشون ڪندي ڪندي وڃي هلاڪت ۾ پوندو. البته حرص جو پيٽ قناعت پري سگهي ٿي يا مٽي(قبر).

هڪ عالم سڳوري جي وعظ جو بيان ڪندي وڌيڪ ٻڌايائون ته:

"مون ڇهن شين ڪي ڇهن شين ڪي پوشيده رکي ڇڏيو آهي. پر ماڻهون انهن شين ڪي عير جڳهن تي تلاشڪن ٿا. تنهنڪري اها اصل واٽ ڪونه ٿا لهن يعني

(1) علم ڪي مون بک ۽ سفر ۾ پوشيده رکيو آهي. مگر ماڻهو ان ڪي پنهنجي وطن ۽ پيٽ پريل حالت سان تلاش ڪن ٿا.

(2) عزت ڪي مون شب بيداري(رات جي عبادت ) ۾ پوشيده رکيو آهي مگر ماڻهو انهيءَ ڪي بادشاهن ۽ حاڪمن جي درن تي ڳولهيندا رهن ٿا.

(3) راحت ڪي مون جنت ۾ پوشيده رکيو آهي مگر ماڻهو ان ڪي دنيا ۾ تلاش

اسڪول پنوعاقل ۾ ويو ۽ 1956ع ۾ گريجويشن ڪيائين ۽ سال 1961ع ۾ بي ٽي امتحان حيدرآباد مان پاس ڪيائين اتان واپس اچي ميونسپل هاءِ اسڪول پراڻو سکر ۾ انگلش ٽيچر مقرر ٿيو. ۽ جلد ايف اي ٿيو ۽ سال 1972ع ۾ هاءِ اسڪول پراونشلائزڊ ٿيو. سانگيصاحب محترم جو تبادلو هاءِ اسڪول پڊعيدن ٿيو 7 ڪيس ان جو هيڊ ماسٽر مقرر ڪيو ويو.

ماهر استاد انگلش ، هر دلعزيز، پر خلوص ۽ همدرد استاد هئڻ سبب سيئي شاگرد ۽ توڙي سندن والدين محترم جي ڏاڍي عزت ۽ احترام ڪندا هئا ۽ سندن لاءِ منجهن ڪافي محبت رهي. خصوصًا پراڻو سکر هاءِ اسڪول ۾ گهڻو عرصو رهڻ سبب شهرين ۾ ڪافي عزت ۽ احترام سندس لاءِ هن وقت به موجود آهي. پراڻو سکر ۽ ان جي آس پاس جا سوين شاگرد سندس تعليمي فيض کان فيضياب ٿيا جو هن وقت اهي وڏن وڏن عهدن تي مسڪن آهن.

محترم سانگي صاحب جو طرز تعليم ۽ ليڪچر نهايت من موهيندڙ ۽ پر ڪشش رهيو. مخاطب ۽ شاگردن کي ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ هر ڳالهه کي بار بار دهرائيندو آهي. ۽ ڪنهن به موضوع تي مفصل بيان ڪرڻ ۽ دهرائڻ سندس عادت ۾ شمار آهي. قابليت ۽ ذهانت ۾ ڪيس اعليٰ مقام حاصل هو. سانگي ڳوٺ ۾ اعليٰ تعليم جي سهولت نه هجڻ سبب پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ لاءِ 3 سال 1968ع ۾ پنهنجي اهل عيال سميت سکر شهر ۾ منتقل ٿيو. سندس رهائشگاهه جوا نتظام اڳ ئي پڻ موجود هو. پڊعيدن ها 3 اسڪول کان ٽرانسفر تي محترم سکر ۾ ڊسٽرڪٽ آفيسر ، ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيو ۽ سال 1983ع ۾ ايس ڊي او روهڙي جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ آخر سال 1988ع ۾ رٽائر ٿيو.

محترم سانگي صاحب پنهنجي سروس دوران سمورو عرصو خودداري، نهايت ايمانداري ۽ اخلاص سان گذاريو ۽ خوسامد کان هميشه متنفر رهيو ۽ ناجائز ڪنهن کي به فائدو رسائڻ کان پاسي رهيو ۽ ڪنهن جي دٻاءَ ۾ اچي ڪو به ناجائز ڪم ڪونه ڪيائين ۽ جائز ڪم ۾ ڪنهن کي به تڪليف هرگز نهڏيندو هو ۽ حرام آمدني کان بلڪل پري رهندو هو ۽ پرهيز ڪندو رهيو. البته پنهنجي زندگيکي باوقار ۽ باعزت رکڻ لاءِ ۽ اولاد کي پڙهائڻ جي اخراجات کي پورو ڪرڻ لاءِ موصوف پنهنجي زمين ۾ سڌارو ۽ واڌارو آڻي ۽ خاص توجه ڏيئي پنهنجي آمدني ۾ اضافو آندو ۽ پنهنجي والد جي مفيد مشورن سان نه رڳو زمين جي پيداوار ۾ اضافو آندائين بلڪ مزيد زمين جا ٽڪرا به خريد ڪيائين ۽ مقامي ماهرين زراعت جي تعاون سان جديد طريقا ۽ اپاءَ اختيار ڪري پيداوار ۾ ڪثير





اضافو آندائين ۽ ان سان گڏباغات ڏانهن به خاص توجهه ڏيئي آمدني ۾ اضافو آندائين. اهڙي وڏي آمدني اچڻ سبب ڪيس ڪڏهن به معاسي مشڪلات پيشڪونه آيون. پنهنجي سروس واري دور ۾ محترم نهايت خوس اسلڪوبي واري روش اختيار ڪئي. آفيسرن جو احترام ۽ پنهنجي ماتحت سان شفقت سان پيش اچڻ جي اصول تي ڪاربند رهڻ ڪري ڪڏهن به ڪيس ڪي انتظامي مشڪلات پيش ڪونه آيون. انهيءَ ڪري محڪمه ۾ سندس ڪافي عزت رهي. ايمانداري ۽ اخلاص سبب سندس بالا افيسر ڪاتي جا پيچيده مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سانگي صاحب محترم جون خدمتون حاصل ڪندا هئا ۽ نهايت ايماندار هئڻ سبب محڪمه ۾ مثالي شخصيت مڃيو تي ويو. سندس والد صاحب پنهنجي عمر جي اخري عرصه ۾ گوشه نشيني اختيارڪئي ۽ زمين جا سمورا معاملا محترم سانگي جي حوالي ڪري ڇڏيا ۽ خود ياد الهي مر مصروف تي ويو ۽ پنهنجي حياتي ۾ ئي ڪيس قوم جي سربراهي جي پڳ ٻڌايائين.

## مردانگي:

سربراهي جي پڳ ٻڌڻ بعد محترم سانگي صاحب پنهنجي قوم جي اختلافات کي دور ڪرڻ لاءِ خاص ڪوششون ورتيون ۽ سندن فيصلا نبيري منجهن ٺهراءُ ڪرايو. ٻين ذاتين وارا ماڻهون به وٽن فيصلا نبيرڻ لاءِاچڻ لڳا جن کي به پنهنجي فراست سان نبيريندو رهيو. محترم جو مزاج بي خوف * نڊر آهي هو ڏاڍي ماڻهو کي حق چوندو رهيو. مظلوم جي مدد ڪرڻ ۽ ظالم جي مخالفت ڪرڻ سندس سونهرو اصول آهي. اهڙين خاصيتن هئڻ سبب ڳوٺ ۾ سندس قوم جا چند شرير النفس عناصر ساڻس حسد ڪرڻ لڳا ۽ سندس خلاف طرحين طرحين جون سازشون ڪرڻ ۽ تڪليفون ڏيڻ لڳا. انهن جي اهڙين حرڪتن کي مات ڪرڻ لاءِ ساڻن مردانگي سان مقابلو ڪندو رهيو. مشڪلات تڪاليف پيش اچڻ وقت محترم هميسه قران ڪريم جي هيءَ آيصت پڙهندو رهيو ۽ پنهنجي دل کي تقويت ڏيندو رهيو.

ترجمه: (اي مالڪ) جنهن لاءِ تون گهرين ان کي عزت بخشين ۽ جنهن لاءِ تون گهرين تون ان کي ذليل ڪرين ۽ تنهنجي ئي هٿ ۾ (سڀ) ڀلائي اهي. ۽ بيشڪ تون سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهين .

## سياست:

محترم سانگي صاحب پنهنجي والد وانگر سياست ۾ دلچسپي هرگز نه رکندو هو. رٽائر ٿين کانپوءِ قابليت ۽ قوم ۾ بااثر هئڻ سبب چند مکيه سياسي پارٽين سندن پارٽيءَ ۾ اچڻ ۽ پڻ پارٽيءَ جي عهدي وٺڻ لاءِ ڪافي آڇ ڪئي. مگر موصوف بنهه انڪار ڪري ڇڏيو. البته اليڪشن ۾ انهيءَ پارٽي جي مدد ڪندو رهيو. جنهن کي هو مناسب سمجهندو هو.

## شعر ۽ شاعري:

قدرتي طور تي شعر گوئي جو ملڪو منجهس موجود آهي. محترم ننڍي کان وٺي ئي شعر چوندو رهيو. اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ جڏهن اجا ننڍڙو ئي هو. اوير کان ڪکر ڏسي هي شعر چوڻ لڳو

اويارڻ اچ، اچي تون وس،مهر پريا سدائين مينهن
ٿئي سرسبز ساري سنڌ، ڏسي سانگي سياڳا ڏينهن
وڏي وسڪار ٿئي ترڙ، ٿئي ساوڪ سڃي برڙ ۾
مٺا مارون پوکن پوکون، ختم ٿين شل ڏکر جا ڏينهن
وسي برسات ڪاپاري، گل ۾ گلزار ٿئي واري
ٿئي هبڪار چوڌاري پاڙ چٽجي شل، لڳن تر بر ۾ ميلا محل
اگهي "سانگي" سندي دعا شل، وسن منداڻتامينهن

محترم سانگي پنهنجي ساري زندگيءَ ۾ جڏهن به ڪنهن انوکي حالات ۽ مناظر جو مشاهدو ڪندو هو يا معاشري جي ستم ظريفيءَ تي نظر وجهندو هو ته مٿن عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي ۽ انهيءَ ڪيفيت ۾ ٿهه پهه مناسب ۽ وزنائتو شعر چئي وٺندو هو. جيڪو حالات جي مطابقت ڪندو هو ۽ انهيءَ ڪيفيت کي محترم "فقير جو اچڻ" نالو ڏيندو آهي. موصوف ڪافي ۽ طرحين طرحين اشعار چيا آهن. هن شعرن جي مجموعي کي "گنجينه گوهر" جو نالو ڏنو آهي. جنهن مجموعي مان چند اشعار بطور نمونه هن ڪتاب ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا. مڪمل مجموعو تمام جلد طباعت هيٺ اچي ويندو.



## مذهبي ميلان:

محترم ننڍپڻ ۾ پنهنجي والد بزرگوار سان ديني مجلسن ۾ شريڪ ٿيندو هو. ازان سواءِ سندس والد صاحب جي پرهيزگاريءَ جو به مٿس ڪافي اثر رهيو. انهيءَ ڪري سندس لاڙو دين مذهب ڏانهن وڌيڪ ٿيو. فقيرن ۽ درويشن سان مجلسون ڪندو رهيو. سندس چوڻ آهي ته "منهنجي دل ۾ دين جي چاهت ۽ جذبو تڏهن تمام وڌيڪ پيدا ٿيو. جڏهن منهنجي ٻي نمبر گهرواري زبيده خانم منهنجي عقد ۾ آئي.زبيده خانم ديني ماحول ۽ گهراڻي مان آئي. جو ته سندس پيءُ مرحوم محمد بچل سانگي هڪ نيڪ نمازي، پرهيزگار ۽ پڪو مسلمان هو. هن پنهنجي اولاد جي تربيت ديني ماحول سان ڪئي. زبيده خانم قرآن مجيد جي تعليم ۽ ديني مسائل جي ڄاڻ پنهنجي گهر ۾ ئي حاصل ڪئي. جنهن سبب نيڪيءَ جو اثر مٿس ڪافي مثبت پيو. محترمه زبيده خانم به نهايت ديندار ۽ پرهيزگار ۽ عبادتگذار آهي. جنهن منهنجي ديني اصلاح ڪئي ۽ پنهنجي اولاد کي گهر ۾ئي قرآن پاڪ جي تعليم ڏنائين ۽ ڪين ديني مسائل سيکاريائين. انهن جي ديني تربيت ۾ سندس ڪافي ڪردار آهي."

## صدمو:

محترم سانگي صاحب جي والد بزرگوار سال 1990ع ۾ وفات ڪئي. انهيءَ وفات جو کيس ڏاڍو رسيو. جنهنصدمي ۽ والد جي فراق کيس ڏاڍو نڍال ڪري ڇڏيو. جنهن جي ڪري هميشه آبديده رهندو هو ۽ چوندو رهيو ته، "منهنجي زندگيءَ جو سهارو هليو ويو ۽ رحمت ۽ برڪت به مون کان موڪلائي ويئي."

پنهنجي والد مرحوم جي قبر شريف پنهنجي حويليءَ جي پٺئين احاطي ۾ ٺهرائي ائي ئي دفن ڪيائين. سندس فراق ۾ ڪيترائي شعر چيا اٿائين. صبح شام سندس قبر تي حاضري ڀريندو ۽ فاتحه خواني ڪندو رهندو آهي ۽ ڪيترو وقت سندس مزاج مائوف رهيو."

پنهنجي والد جي وفات کانپوءِ محترم پنهنجي مالڪ حقيق ڏانهن وڌيڪ متوجه ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي ياد ۾ گهڻو مستغرق رهيو. پنهنجي سيرت ۽ صورت کي پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سنت مطابق ٺاهيائين. صوم و صلواة جي پوري

پوري پابندي ڪرڻ لڳو. حقوق الله ۽ حقوق العباد جو خاص خيال رکڻ لڳو ۽ انهيءَ تي نهج تي ڪاربند رهندي سال 1992ع ۾ حج مبارڪ جي سعادت حاصل ڪيائين ۽ پنهنجي والده مرحومه جي حج بدل ڪرائڻ جي اراده سان راقم الحروف کي به ساڻ وٺي ويو ۽ حج بدل ڪرايائين.

دوران حج ڪعبة الله جي صحن ۾ پنهنجي والد مرحوم جي نعم البدل جي آس رکندي خالق اڪبر ڪان پنجين پُٽ عطا ڪرڻ جي دعا گهريائين جيڪا قبول ٿي ۽ خالق اڪبر کيس پنجون پُٽُ عطاڪيو. جنهن جو نالو پنهنجي والد ماجد تي "عبدالمالڪ" رکيائين. پوءِ جلد ئي مالڪ ڪانئس اهو موتائي ورتو. اهو ننڍڙو چئن سالن جو ٿيو ته صدمه سندس زندگيءَ تي ڪافي منفي اثر وڌوجو هو هميشه رئندو ۽ گيت ڳائيندو رهيو ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن خاموش رهندو هو ۽ اڪثر ائين چوندو هو ته:

"حياتي توڙي دنيا ٻئي فاني آهن ۽ انهن سان ناتولائڻ عبث آهي."

۽ وري ڪڏهن ڪڏهن لوڪ ڪان لڙي

سپ لاڳاپا لاهي، الله جي ذڪر ۽ فڪر " مستغرق ٿي ويندو هو ۽ ڪنهن سان به ملاقات ڪونه ڪندو هو. البته روحاني رشتي هئڻ سبب راقم الحروف کي ملاقات جوموقعو ڏيندو هو. ديني خدمات جو به کيس خاص خيال ۽ اونو آهي. پنهنجي والد صاحب جي جوڙيل ڪچي مسجد جيڪا ڪندرات ٻڻجي ويئي هئي، ان کي ڊهرائي صافڪرائي ان جاءِ تي پڪي وسيع ۽ شاندار مسجدٺهرائي آهي ۽ مسجد جو نالوپنهنجي والد جي نالي جي نسبت سان"مسجد رئيسه حنفيه" رکيو اٿائين ۽ سندس ارادو آهي ته جوڪرين لاءِ هڪ وڏي ديني درسگاهه يعني "مدرسة البنات"قائم ڪري قرآن شريف ۽ حديث مبارڪ جي تعليم ڏني وڃي.

## روحانيت:

روحانيت ۾ موصوف صوفي مسلڪ جو آهي، مگر عام صوفين وانگر ڪين آهي. سندس چوڻ آهي ته صوفيلفظ "صفا" مان نڪتل آهي ۽ صوفي اهو آهي جنهنپنهنجي دل کي ڌوئي صاف ڪيو هجي ۽ پنهنجي مالڪ، خالق اڪبر سان سان صاف دل هجي.

راقم الحروف سان سندس گهرو تعلق ۽ روحاني رشتو پڻ آهي. انهيءَ ڪري





سنڌ سلامت ڪام

ساڻس ڪافي مجلسون ٿينديون رهنديون آهن. سکر کان جڏهن به پنهنجي ڳوٺ سانگيءَ ۾ سندس اچڻ ٿيندو آهي ته ٽيليفون ڪري پنهنجي گاڏي موڪلي پنهنجي بنگلي تي گهرائي وٺندو آهي. دنيا جي عام ڳالهين کان پوءِ جڏهن روحاني ڳالهيون شروع ڪندو آهي ته ويٺي ويٺي مٿس هڪ ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي ۽ عشق جا اشعار چوندي وجد ۾ اچي ويندو آهي ۽ موج ۾ ساز به ڪٽي وڄائيندو ۽ "حق حق" نعرو هڻندي پارسيءَ ۾ هي شعر چوندو آهي ۽ نچڻ لڳندو آهي:

اشعار

جهاں عشق است دیگر رزق سازی
همه بازی است الا عشق بازی

(هيءُ عشق جو جهان آهي، باقي سپ پيٽ پوڄا آهي،عشق جي کيل کان سواءِ باقي سپ راند روند آهي.)

غلام عشق شو کاندیشه این است
همه صاحب دلان را پیشه این است

(اهو ئي هڪ دل ۾ ذڪر رک ۽ عشق جو غلام ٿيءُ. سيني اهل دل جو اهوئي پيشو رهيو آهي)

اگر بے عشق بودی جان عالم
که بودی زنده در دوران عالم

(جيڪڏهن هيءُ جهان بنا عشق جي هلي ها ته جيڪر ڪو به ڪونه بچي ها.)

بندبگسل باش آزاد اے پسر
چند باشی بنده سیم وبند زر

اي ٻچڙا عشق جي راهه ۾ سپ رنڊڪون هٽاءِ. ڪيترا ڏينهن سون ۽ چانديءَ جي زنجيرن ۾ ٻڌلرهندين؟)

ڪجھ دير ڪانپوءِ جڏهن سندس اها ڪيفيت ختم ٿي ويندي آهي ته خاموش ٿي ويهي رهندو آهي. هن وقت دنيا کان اڪثر لاڳاپا لاهي ياد الاهيءَ ۾ مشغول رهي ٿو. سندس چوڻ آهي ته: پنهنجي آخرت جي سفرجو سامان جوڙي رهيو آهيان."

ازواج ۽ اولاد

موصوف به شاديون ڪيونجن جا نالا"سدره" ۽ "زبيده خانم" آهن. ٻئي

سندس عزيزن مان آهن. سدره وفات ڪري چڪي آهي. ننڍي گهرواري زبيده خانم حال حيات آهي. وڏي گهرواريءَ سدره مان ڪيس چار نياڻيون ۽ هڪ فرزند عبدالحميد پيدا ٿيو. جو هن وقت ڪراچيءَ ۾ ايڊيشنل ڪمشنر انڪم ٽيڪس آهي، جنهن جو مفصل ذڪر آئنده صفحن ۾ ايندو. ننڍي گهرواريءَ زبيده خانم مان ڪيس چار نياڻيون ۽ ٽي پٽ عبدالمجيد، عبدالرشيد ۽ عبدالصمد آهن جن جو به ذڪر به ايندڙ صفحن ۾ ايندو.



## محترم مير عبدالحميد صاحب سانگي

جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته محترم الٰهي بخش سانگيءَ جي زوجه اول مرحومه "سدره" جي بطن مان نرينه اولادمان فقط عبدالحميد پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم مقامي پرائمري اسڪول سانگيءَ ۾ ۽ ديني تعليم مدرسه ٽريچاٽيءَ مان حاصل ڪيائين. والد جي سکر منتقل ٿيڻ سان هيءُ به سکر ۾ آيو. ۽ سيڪنڊري تعليم سکر ۾ پرڀائين ۽ ساڳئي وقت اعليٰ تعليم جي حصول ڪي جاري رکندي، روينيو کاتي ۾ ملازمت اختيارڪيائين. نهايت هوشيارت ۽ جفاڪش هئڻ سبب تعليم ۾ڪافي ترقي ڪيائين ۽ جلد سال 1982ع ۾ سي ايس ايس جي امتحان ۾ ڪامياب ٿي انڪم ٽيڪس کاتي ۾ انڪم ٽيڪس آفيسر جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ ترقي ڪندي سال 1997ع ۾ ايڊيشنل انڪم ٽيڪس جي عهدي تي فائز ٿيو. جو هن وقت تائين ڪراچيءَ ۾ ساڳيءَ پوسٽ تي متمڪن آهي.

محترم مير عبدالحميد صاحب سانگي نهايت سلڇڻو، بامروت ۽ مومن صفت شخصيت آهي. هونه صرف باوقار آفيسر آهي. بلڪ خلق جو خدمتگار، همدرد ۽ هڏ ڏوڪي آهي. انهيءَ ڪري عوام ڪيس "مير" جي لقب سان سڏيندو آهي. ننڍو وڏو ڪيس "مير صاحب" سڏيندو آهي. ڪيس تعليم سان بيحد انس آهي. وٽس علمي ڪتابن جو هڪ تمام وڏو ذخيرو موجود آهي. محترم جي علمي ذوق جو اندازو سندس هڪ وسيع لائبريءَ مان لڳائي سگهجي ٿو. جنهن ۾ ديني ، ادبي، تاريخي، ثقافتي ۽ حڪمت تي مبنيهزارين ڪتاب موجود آهن. محترم صاحب سخاوت ۾ پڻ ڪافي هر دلعزيز آهي.

پنهنجن وڏن جي عزت ڪندڙ ۽ احترام سان پيش اچڻ، ننڍن تي ۽ مائٽن مٿن تي شفقت سندس صفت ۾ شمار آهي. پنهنجي والد جو وڏيڪ اطاعت گذار ۽ پڻ نهايت فرمانبردار آهي. خصوصا پنهنجي والد صاحب جي دوستن جو به اهڙو ئي احترام ڪندو آهي. جهڙيءَ طرح پنهنجي والد صاحب جو ڪدو آهي. اهو ئي سبب آهي ته سندس والد صاحب پنهنجي شعر ۾ سندس تعريف بيان ڪندي سندس لاءِ سهڻين صفتن جو اظهار ڪيو آهي جو هڪ مثال ۽ قوي دليل آهي.

سسندس ديني ڪمن ۾ به ڪافي دلچسپي آهي. انهيءَ جذبي تحت محترم پنهنجي ڏاڏي مرحوم عبدالمالڪ جي سنت ڪي جيئرو رکندي جامع مسجد ٽريچاٽيءَ ۾ جماعت جي سهوليت لاءِ پنهنجي ذاتي خرچ تي هڪ عاليشان اضافي

دالان ٺهرايو آهي ۽ دينيخدمات جي سلسلي ۾ وقتبوقت انفاق في سبيل الله بہ ڪندو رهي ٿو. ازان سواءِ عربي ٻوليءَ جي ارتقاءَ لاءِ هڪ عربي سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر ڇپرائيپڙهندڙن لاءِ مقفت تقسيم ڪيو آهي ۽انگلش ميڊيم اسٽوڊنٽس جي ديني تعليم لاءِ هڪ انگلش ۾ ڪتاب نالي Teaching of Islam for Muslim's Student۾ شائع ڪرائي هزارن جي تعداد ۾ انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ مفت تقسيم ڪيا آهن. انهيءَ ڪتاب ۾ اسلام جي بنيادي اصولن سان گڏوگڏ ڪجهہ قرآني آيات جي معلومات پڻ شامل آهي ۽ محترمہ پنهنجي والده محترمہ سدره جو حج بدل ڪرايو آهي ۽ ازان سواءِ پنهنجي اهل عيال سميت عراق ۾ ڪربلا معلا جي زيارت ۽ نجف اشرف جي زيارت ڪندي شام جون زيارتون ڪندي حرمين شريفين جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو آهي ۽ عمرو ادا ڪيو آهي.

محترم چند مفيدموضوعن تي ڪجهہ ڪتاب بہ تصنيف ڪياآهن. جن جا مسودا اڃا طباعت هيٺ ڪين آيا آهن.

محتتڑم مير عبدالحميد سانگي هوميوپيٿڪ طريقہ علاج ۾ مهارت رکندڙ آهي. ڪيترائي مريض سندس مفيد مشورن يا سندس علاج سان شفاياب ٿي چڪا آهن.

محترم ميرصاحب کي ٻہ گهرواريون آهن. هڪ سندس اباڻي ڳوٺ سانگيءَ۾ سڪونت پذير آهي ۽ پنهنجي عيال سان خوشخرم رهي ٿي. سندس بطن مان نرينہ اولاد ٻہ فرزند نالي محمد حسين ۽ جاويد احمد آهن ۽ ٻي ننڍي گهر واري ساڻس ڪراچي گڏ رهي ٿي. جنهن جي بطن مان ٻہ فرزند نالي محمد علي 7 عباس حيدر آهن ۽ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

سندس والد محترم پنهنجي پٽ عبدالحميد جي واکاڻ ڪندي جيڪو شعر چيو آهي سو هيءُ آهي:

"سندس وڏو پُٽُ"

وڏو پٽ آ منهنجو مکڻ، ماکي، مصري
دعائن ۾ مون کان نہ ويندو آ وسري
سياڻو سخي ۽ ذهين ذکي ۽
طبيعت سندس آ فهيم و فقيري
جري ۽ جفا کش ببر شير طبعًا
شجاعت ۾ ثاني سندس کونہ ويري
مزاجًا آمسکين صابر ۽ شاکر
مگرجوش آيس تہ کندو ويري ڍيري
مذهبي مجلسي مگر آهہ کم گو
مخالفہ ڏين کيس داد دليري
اڙين جي کري ٿو سدا دستگيري
کٿي ويومحبت ۽ شفقت آ پدري
سندس بخت ۾ ٿا کيون پيا بهاري
هوائي جهاز ۾ کيون ٿا پيا سواري
کريون ٿا اسان جا بہ فرمائش ان کي
سواءِ چون چرا کري ٿو هو پوري
اگهي دعا "سانگي" الاهي بخش جي
عطا ٿئي پٽس کي عمر شال خضري

محترم عبدالحميد سانگي صاحب جي ٻي گهرواري زبيده خانم جي بطن مان نرينہ اولاد ۾ چار فرزند پيدا ٿيا نالي: عبدالمجيد، عبدالرشيد، عبدالصمد ۽ فرزند رئيس ننڍڙي عمر ۾ وفات ڪري ويو. باقي سندس ٽيئي فرزند الله جي فضل سان حال حيات آهن ۽ سيئي نيڪ صالح تعليم يافتہ پڻ فرمانبردار آهن.

1. عبدالمجيد صاحب پنهنجي تعليم پوري ڪري سرڪاري سروس اختيار ڪئي آهي ۽ هن وقت گهوٽڪي ۾ انڪم ٽيڪس کاتي م انسپيڪٽر جي عهدي تي فائز آهي. شداي شده آهي کيس هڪ فرزند نالي اسدالله اڍائي سالن جو آهي ۽ هڪ نياڻي بہ آهي. ديندار، صلح پسند ۽ خدمت گذار آهي. نيڪيءَ جون منجهس ڪافي صفتون موجود آهن.
2. عبدالرشيد اڃا ڪراچي ۾ بحريہ يونيورسٽي ۾ زير تعليم آهي ۽ کيس علم جي حصول جو ڪافي شوق آهي ۽ سندس مصمم ارادو آهي تہ هو اعليٰ تعليم لاءِ ٻاهرين ملڪن جو سفرڪندو.
3. عبدالصمد اڃا ننڍڙو آهي ۽ سيڪنڊري اسڪول ۾ تعليم وٺي رهيو آهي. محترم سانگي صاحب جون سيئي نياڻيون بہ تعليم يافتہ ۽ سلجهيل

آهن ۽ تعليم ڪاتي ۾ لائق عهدن تي فائز آهن.
مجموعي طور محترم سانگي جو خاندان مهذب، تعليم يافته ۽ ديني رغبت رکندڙ آهي. قرآن مجيد جي تعليم گهر ۾ ئي سندس زوجه محترمه زبيده خانم ڏيندي رهندي آهي.





# حمد

اي خالق ارض وسما! اي مالڪ ڪون و مڪان!
تنهنجي تاري ٿو تڳان، تنهنجي رحمت ٿو گهران

زندگي جو هي سفر آ ويو اجايو ٿي گذر
ٿوڌسان سامهون قبر ڪو ڪرم پنهنجو ڪجان!

ڪو چڱوڪم ڪين ڪيم پر گنه بي حد ڪيم
بارُ تن جو سر ڪنيم توڪان معافي ٿو گهران!

اي الله العالمين! ڪر رحم تون راحمين!
گنه ڪيئي مون ڪيم توڪان ٿوشفقت پنان!

درد جو دارون دوا، ڏين مريضن کي شفا
ڪين ٿي مونکان خفا آئون به تنهنجو آهيان!

پهر پيري جو پڳو، نيت چڱو جهڳو!
سورِ "سانگي" ڪو سڳو! مَنَ ملي معافي اڳيان!

# حمد

هر ڪنهن جي تون سار لهين ٿو پٽڪيل روحن راهه ڏسين ٿو
ڪوجهن ڪارن پيار ڪرين ٿو دردوندن جي دانهن ٻڌين ٿو

سيڪو تنهنجي تاري لڳي ٿو هر ڪو تنهنجي لاري لڳي ٿو!
داٽو هر ڪو تنهنجو چڱي ٿو سڀ تي مالڪ! مهر ڪرين ٿو!

گيجي گناهن ۾ مون ويل هان حرص و هوس ۾ وتل هان!
غافل بندو ننڍ سُتل هان هر ڪنهن تي تون رحم ڪرين ٿو!

جهڙو تهڙو تنهنجو آهيان خالق! خلقيل تنهنجو آهيان!
تنهنجي در تي سوالي آهيان سوالي خالي ڪوئي نه ڪرين ٿو!

مهر جا مينهڙا موتي وسائج ڪعبو قبلو ٻيهر پسائج
شهر مديني وري پڄائج عرض اڙين جا تون ئي ٻڌين ٿو!

عشق الاهي بخش جو توسان "سانگي" جي سڪ ٻئي نه ڪنهين سان
راضي رهه تون يار! انهيءَ سان در تان ڪنهن کي ڪين تڙين ٿو

# نعت

اي رسول دوجهان! تون آن محبوب خدا!
منجهه دنيا ۽ آخرت، تنهنجي دَر جو آئون گدا
شافع هو دو غم! توکي ڪيم پنهنجو صنم!
ٻيا ڦٽا ڪيم سڀ صنم، توتان سندن سڀ ڪجههفدا!
آهه منهنجي التجا! دلسندن جي مُدعا!
گڏ قيامت ۾ هجان، دم نه توکان ٿيان جُدا!
ڏينهن قيامت، تنهنجي شفقت ۽ شفا،
تو پنان توکان محمد(ﷺ) مون سدا!
ڪاروان زندگي جو وقت پورو ڇاڻ ٿيو
رهنمائي رهبري ٿئي ڪا مدد راهه خدا!
عمر سانگيءَ جي سموري ٿي گڏ هلڻ ۾ گذري،
ڪر شفاعت سان مرحمت تون اي محبوب خدا!
آشيانو هي الاهي بخش "سانگي"جو سدا،
تا قيامت تون آباد رکجان يا خدا!


www.sindhsalamat.com

# ميرُ مرسل

پير منهنجو، ميرُ منهنجو، سونهن جو سردار!
عشق مرشد رهنما، مون کي ڪيو بيدارُ!
فرقه بندي ۾ تفرقو ڪين مونکي تو وڻي!
ملڪ ساري جو وجود خدا هڪ ڏيهُ جو ڏاتارُ آ!
اُنس ويو انسان مان، خطرو ٿيو انسان کي!
انسان ويو شيطان ٿي، شيطان ٿيو بيڪارُ آ!
بار ڪنهن جو ڪونه ڪنهن تي، بارسپ جو آ خداتي
ڪونه ڪنهن کي ڪو تو پالي، رب پالڻهار آ
حق حقيقت سپ ٻڌايم، جا ٿيم محسوس مون کي
ڪو مڃي يا نه مڃي مرضي سندو مختار آ
موچڙا پوندا انهيءَ تي، ڏينهن قيامت عزيزو
جو وڙهائيندو ڏرين کي، خود به ٿيندو خوار آ
چو وڙهو ٿا، خرچ ڪيو ٿا، ڪورٽ چا ڪندي؟
جي اچو مون وٽ منا هر معاملو نروار آ!
خلق ساري ٿي چوي، "سانگي الاهي بخش" لئه
نيڪ آ، نيڪي ڪري ٿو، ڳوٺ جو پڳدارُ آ!



محترم الاهي بخش سانگيءَ مختلف موقعن تي جيڪي اشعار چيا آهن، انهن منجهان چند منتخب شده پيش ڪجن ٿا. چنانچه پنهنجي پاءُ محمد حسين جي وفات تي جيڪو پاڻيءَ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو، سندس والد صاحب ان وقت حج تي هو صدمه سبب هيءُ شعر چيو اٿائين

**"هاءِ محمد حسين!"**

دل تي غبار غم جو اڪين ۾ آب آهي
ڪهڙو ڪيان بيان مون دل تي ڪباب آهي
محبوب پاءُ مون کان افسوس ٿي جدا ويو
صدمي کان هيءُ منهنجو پُرزا رباب آهي
معلوم هيءُ ڪري آئون خاموش ٿي وڃان تو
انسان جي حياتي مثل حباب آهي
مسرور ٿي نه بلبل ڪر ياد تون خزان کي
آخر بهار جو به وڃڻو شباب آهي
دنيا ۾ عيش آهي چو جو بهار آيو
منهنجين خوشين تي ليڪن چانيل سحاب آهي
پئجي حسين! توتي نالو شهيد ويڙو
مثل "حسين" توکي حاصل ثواب آهي
"سانگي" نه آهه هر دم قائم جهان جو جلوه
افسانو حياتي دنيا پي خواب آهي

www.sindhsalamat.com

وقت جي حالتن جو مشاهدو ڪندي محترم هي شعر چيو آهي

## "زبان حال"

رفاقت وئي رفيقن مان ۽ الفت وئي عزيزن مان
زماني رنگ بدلايو شرافت وئي شريفن مان
مناسب ڪين آ مون کي رکان مخفي بيان دل
ٿيو معلوم آهہ جيڪي اميرن مان غريبن مان
ڏسو ٿا ياءُ پنهنجي ياءُ جو ويري ٿيو آهي
وئي ساري سچائي اڄ ۽ وفا وئي آ قريبن مان
پريشان حالُ پيءُ جو آهي،رهي پُٽُ ٿيو عيشن ۾
خدايا ڪيئن نڪري اڄ وئي عزت عزيزن مان
دعا "سانگي" سندي در مولا! هر دم اِها آهي
مجاهدمرد پيدا ڪر فقيرن مان، اديبن مان



محترم سانگي صاحب جڏهن روهڙيءَ ۾ ڪجهه وقت سروس ڪئي، انهيءَ دوران روهڙيءَ بابت پنهنجا تاثرات بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

## "روهڙي"

سنڌ ساريءَ ۾ فقيرن جو آشيانوروهڙي
تنهن ڪري آ عاشقن جو آشيانو روهڙي
گلشن اسلام خالي ڪين آ هر گز مگر
مست صوفين جو سدائين آستانو روهڙي
دامن ڪهسار پيي آ ساحل سنڌو بہ آ
قدرتي نظارن جو چڻ خزانو روهڙي
سير خاطر سبز ساحل جڏهن ٿا وک وجهون
ٿي ٿئي معلوم جنت جو نمونو روهڙي
تختئہ دنيا نہ خالي شادمانن کان ڪڏهن
آهہ منهنجي لاءِ ليڪن شادمانو روهڙي
موج ۾ گذري حياتي ٿي عزيزو! هت مگر
ڪين وسري ٿو گذاريم جو زمانو روهڙي
ٿو نظر "سانگي" اچي اڪثر روزانو روهڙي
ڇو تہ هن جي روح جو آشيانوروهڙي

محترم سانگي صاحب 1988ع ۾ رٽائرڊ ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي سنگت جو سلوڪ ۽ بي مروتيءَ جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو:

سڪن ۾ ها سوين سنگتي نہ ساٿي آ ڪو سورن ۾
نہ آهي حال پائي ڪو ڇڏي ويا ساٿ سورن ۾
جنين سا بجا هر دم ڪيم ٿي راز جون ڳالهيون
وساري تن ڇڏيو مون کي ڏسي جڪڙيل زنجيرن ۾
افسريءَ ۾ سلامي ها سوين پوتار ۽ آفيسر
مگر بيزار ٿي ويا سيڏسي ويئل فقيرن ۾
نهارن شوخ نظرنسان ڏسي ويندا غريبن ۾
سواري جن ڪئي مونسان چڙهي ٽانگن ۾ ڪارِن ۾
نہ ڪر افسوس تون "سانگي" هي دستور آ دنيا جو
خوشيءَ ۾ ڪوڙ خادم پر نهاري ڪونہ ڏکڙن ۾



سنڌ سلامت ڪام

محترم سانگي صاحب ماحول جو مشاهدو ڪندي وقت جي رفتار جي عنوان سان هيءُ شعر چيو آهي:

**"رفتار وقت"**

بهاريءَ ڪان چمن سارو گل گلزار ٿيو آهي
ستارو علم جو ايري ۽ ڪجھ آيو مٿي آهي
خزان جو پيي مگر ان سان بپ تڪرار ٿيو آهي
مگرتهذيب ۽ تمدن جو سنگسار ٿيو آهي
ڏسان ٿو برقعو رنگيل عمومًاعورتن کي پر
ڏسي تهذيب مغرب جي مَتائي ريت آهي مشرق
ڪن پنهنجن ڪان ٿيون پردو،نہ ٻين ڪان عار ٿيو آهي
سو سودو بيحيائي جو سرِ بازار ٿيو آهي
اميرن عياشي لئہ باغ محلات بي شمار
ڪري ويران مسجد کي مڪان مسلم وساياءِ
بکيو ۽ بي اجهي مفلس مگر بيمار ٿيو آهي
ڏسو اسلام ڪان ڪيڏو نہ هو بيزار ٿيو آهي
سدائين آهہ سرگردانِ چوان سچ آ،مفلس آ
اڙي بزدل! بهادر ٿي ڪُڏي ميدان ۾ بيهہ تون
پريشان حال پر ڪڏهن نہ ڪو زردار ٿيو آهي
ڏسي اغيار جي آڪڙ غصو بيدار ٿيو آهي
اتي "سانگي" ڏسي سستي ترانا تيز قومي ڪر
ننڊيوتوڙي وڏو اڄ قوم جو بيڪار ٿيو آهي

محترم سانگيءَ جي رٽائرمينٽ کان ٻہ سالپوءِ 1990ع ۾ سندس والد صاحب حاجي عبدالمالڪ هن فاني دنيا مان لاڏاٽوڪري ويو ڪيس ڪافي صدمو رسيو هن فاني ۽ بي بقا زندگي جو تذڪره هن شعر ۾ بيان ڪيو آهي ۽ دنيا جي زندگي ۾ عدم دلچسپيءَ حج تي حرمين شريفين جي زيارت جي تڙپ ۾ پڻ بيت چيا آهن:

## ”بي بقا زندگي“

دم تي ويساهہ ناهي اويار!
ڪا هٽي تي سا ڪاهہ اويار!
موت متي تي آهہ سدائين
ويندو اوچتو ساهہ اويار!
ڪوٽ واريءَ جو قائم ڪيسين!
نيت تہ ڪِرڻو آهہ او يار!
نيت تہ ڪرڻو آهہ اويار دنيا آهي دار فاني
رهڻو ڪنهن کي ناهہ او يار
دنيا دورنگي خواب آ خالي
سارو ٺڳيءَ جو ناهہ اويار!
دنيا اچ، وڃ جوئي جهان
جو آيو سو ويو آهہ او يار!
جوين جواني ڏينهن ٻہ تي تي
ان پَڪَ يي ناهہ او يار!
ماڳ اسان جو آ دار بقا
هلڻو اوڏهن آهہ اويار!
پير، فقير ۽ حڪيم حاذق
ڏيندا سيئي ساهہ او يار!



آهہ مسافر هر ڪو هتڙي
ماڳ نہ ڪنهن جو ناهہ آ يار!
منهنجي والد حاجي ماڪن!
پرتو توڪي آهہ او يار!
جنت ۾ جاءِ ڏجس ان کي
بهشت جو دروازه لاهہ او يار!
ويهين صدي مهينو جنوري
هن جو ويڙا ساهہ او يار!
اٺويهہ سو سال نوي ۾
بابي ڏنو ساهہ او يار!
سو ڪان هن جي عمر متي هئي
اٿڻ ويهڻ ۾ هو واهہ او يار!
ذهن ذڪاوت عقل سلامت
حافظو هن جو واهہ او يار!
مال ۽ ملڪيت پٽ ۽ پوٽا
پڙپوٽا ٻہ ڏٺاهہ او يار!
موحد مليل هو لقب ان کي
راسخ رسم و راهہ او يار!
چوندو هو سچ سڀ کي
توڙي هجي ڪو شاهہ او يار!
هن جو مون منهنجو هن ۾
هيو سدائين ساهہ او يار!
هن جي ۽ منهنجي ڪابہ ڪچهري
تيٽي هاٽي ناهہ او يار!
هن جون ڳالهيون حڪمت واريون
سانديل سيني ساهہ او يار!

چون مئن سان مري نہ ڪوئي
تازو غم پر آهہ او يار!
ڏاڏو ڪٿي آ بابو ڪٿي آ
دنيا ڇڏڻي آهہ او يار!
چوٿون پهر تي عمر سنديءَ جو
پيو ڪر الله، الله او يار!
عمر گهٽي آ گذري وئي
نيٺ تہ هلڻو آهہ او يار!
ڏوهہ ڪيا تہ ڏوهي آهيان
معافي ڏيئي لاهہ اويار!
توبهہ منهنجي اڄ ڪان آهي
معافي وٺي آهہ او يار!
توبہ واري عمر ساري
واهہ نہ ڀي ڪا آهہ او يار!
ميٽ مدايون منهنجيون مولا
ڪوبہ سهارو ناهہ او يار!
رتون ويٺو رتين ڇو تو؟
ناهڻي تي سا ناهہ اويار!
مال مڏيون سڀ هتڙي رهنديون
نيڪي هلڻي آهہ او يار!
ڇو تو ميڙين مال مڏيون پيو
نيئڙو ڪجهہ بہ ناهہ او يار!
هيءُ پي منهنجو هو پي منهنجو
پنهنجو پر ڪجهہ ناهہ او يار!

آهين مسافر سوا گهڙيءَ جو
ستت ويندءِ ساهہ او يار!
وڃين پوريندءِ مٽيءَ ۾
ڇڏ جلال و جاهہ او يار!
منڙو منهنجو مڪي وڃڻ لاءِ
ماندو ڏاڍو آهہ او يار!
جيئري هيڪر مڪ مدينہ
شال ڏيکاري الله اويار!
"سانگي" ويٺو توکي ساري
حج تي هلڻو آهہ او يار!
مڪہ ۽ مدينہ معافي وٺندس
اها تمنا آهہ او يار!
ڇڏ اميري وٺ فقيري
سر تان سانگو لاهہ او يار!
پيسو پائي نيڪ ڪمائي
ڏي خدا جي راهہ او يار!
لڳ لاڳاپا "سانگي" سيئي
سانگي هاڻي لاءِ او يار!
خلق جي خدمت خوف الاهي
اصل عبادت آهہ او يار!
جن سان تنهنجو قرب ۽ محبت
تن سان ناتو نباهہ او يار!
جيڪي نمازون پڙهيون نٿي
قضا ڪري سي پڙهہ او يار!


www.sindhsalamat.com

جيڪي اوڏايون مون سان ڪن
تن سان ليکو ناهه او يار!
نفس ڪري ٿو جنگ جا سعيا
تون بہ سندرو ساهه او يار!
جيڪي پسين ٿو پيو منجهه جهان
سو سڀ خدا جو آهه او يار!
جهڙي نيت تهڙي مراد
اها ئي حقيقت آهه او يار!
ڇو ٿو پَٽَ، پٽيهر پهرين؟
سادا ڪپڙا پاءِ او يار!
بنگلا ماڙيون ڦٽي ڪري تون
لانڍي ڪکائون ٺاهه او يار
گوشت مرغا ڇڏي بريانيون
سادو کاڌو کاءُ او يار!
دنيا داري ڇڏي ڪُراهي
وٺ رباني راهه او يار!
سانگي الاهي بخش سدائين
خادم تنهنجو آهه او يار

## ”پڇتاءُ“

ڇا ڪٽي آئين هتي ۽ ڇا ڪٽي ويندي هتان
ڪجهه ڪٽي آئين نہ هت ۽ ڪجهه نہ ڪٽندي هتان
اڃي ويئي پيري مگر آ ثمر گڏ ڪين ٿيو
وقت ڪم جو ٿيو گذر ڇا ڪري مون ڇا ڪيان
ڪر همت هاڻي بہ منڙا جان ۾ دم آ اڃان
ڇڏ مدائي ڪر چڱائي وقت ويو ناهي اڃان
بند گفتگو ڪر غلط ۽ ڪم ڦٽا ڪر سڀ غلط
دير دم پيي ڪين ڪر جو اوچتو ويندين هتان
توبہ تائب ٿيو ٿيان ۽ دير دم ٿو ڪين ڪيان
آڏو الله العالمين جي مون سجدا پيو ڪيان
ساراهه سانگي سندي جو بند ڪري ٿو سڀ بَدي
شال هتڙان صاف سٿرو ٿي مولا تو وٽ پهچان

*****************

## "يا رب العالمين تون مدد منهنجي پيو ڪجانءِ!"

رهڻو نہ آهہ هتڙي فاني فنا زمانو
انسان جي ضرورت بس آ زمين ڪانو
ناهي ثبات ڪنهن کي آهي رڳو تغير
قائم آهي ذات هُن جي باقي فقط فسانو
آهي صلاح توکي ڪر قوم جي تون خدمت ڪجھ
سوچ ۽ سمجھ رک ٿي ڪين وڃ ديوانو
دنيا سان لائي دلڙي وهلور ٿي نہ وڃ تون
دنيا دارِ فاني قائم نہ آ زمانو
راحت نہ روح کي آ (جانَ کي) ٿي زندگي آ زحمت
ويٺو آن تہ وائڙو بيٺو آن تہ بي ڏيانو
هر چيز بي بقا آ ڪنهن کي نہ ڪا بقا آ
ڏينهن چار آهہ رونق ٿيڻو پوءِ آ ويرانو
رهڻي نہ هي رونق وڃڻي آ هيءَ دولت
دنيا اٿي دورنگي "سانگي" ڳاءِ نہ ترانو



## "ڪاروانِ زندگي"

ڪاروان زندگي جو آ سفر ڏاڍو طويل
موت کي مقرر ڪيو منزل آ هڪ رب جليل
موت کان ڀڄندو آ بزدل ۽ آ مرندو سو بار!
زندگي ۾ موت کان ڀڄندو نہ هوندو هو خليل
موت جو ڏينهن آهہ مقرر، جاءِ پڻ سڀ سبب
ڪين آ تبديلي ان ۾ ڪو هجي خوش يا عليل
موت کان پوءِ زندگي آ اچا اڳتي اي عزيزو!
ڪڻ ثمر هتڙان ان لئہ ٿئين متان اُت تون ذليل
روز محشر يار دنيا جا نہ ڪم ايندا ڪڏهن
ڪر يقين دل! ان جو قرآن ۾ ڏنل آهي دليل
اي الاهي بخش "سانگي" ڪين ڪر ڳڻتي فڪر
جاءِ تنهنجي آهہ جنت ۽ عمر ناهي قليل

www.sindhsalamat.com

نبي ڪريم ﷺ جن جي محبت ۽ ان جي شفقت جي آسري ۽ اميد ۾ محترم سانگي صاحب هي ابيات چيا آهن

## "ابيات محبت رسول ﷺ"

مير مرسل مه لقا محبوب ۽ منتار آ
سچ پچو يارو تہ منهنجي سو هينئين جو هار آ
آسرو آ ان جو شفقت جو مون کي روز جزا
چو جو محبوب خدا نبين سندو سردار آ
شان ۽ رتبو سندس کهڙو چئي کهڙو چوان
مالڪ لولاڪ مرسل ۽ اڙين جو پڻ آڌار آ
آرزو آهي وڃان هيڪر مڪي ۽ مديني
جلوه جانب سندو ڪرڻو مون کي ديدار آ
دل چوي ٿي دور دنيا جي هنگامن کان هجان
ٿي وڃان گوشہ نشين پر وڏو گهر بار آ
مذهب اسلام ۾ رهبانيت آ ناروا
من منهنجي جي نشيمن دور ڪا وٽڪار آ
دور شهري شغل کان ڪا هجي جهڳڙي سندم
ذڪر ۽ غور و فڪر جي لاءِ س درڪار آ
چو نہ "سانگي" خوش ٿئي جو مهر مالڪ آ ڪئي
هن دنيا جي مال و دولت کان ٿيو بيزار آ



ماحول جي حالات ۽ واقعات جو مشاهدو ڪندي محترم سانگي صاحب حقيقت حال جي عنوان سان مندرجہ ذيل اشعار چيا آهن:

## "حقيقت حال"

هندو،مسلم ۽ سِک عيسائي
آهن پاڻ ۾ يائي يائي
سنڌي مهاجر، پختون، پنجابي
سي يي آهن يائي يائي
بريلوي يا پڻ ديوبندي
شيعو سني يي يائي يائي
سياستدان سوچي سمجهي
آهي تن ۾ آندي ڀيائي
ماڻهون چاهن ٿا امن و امان
پر ليڊر آهن فتنائي
سيٺين ۽ سرمائيدارن
طبقاتي آ جنگ لڳائي
خلق سڀيءَ جو خالق هڪڙو
پر ملن آ مخلوق منجهائي
خلق جي خدمت خوف الاهي
اصل عبادت آهہ اهائي
رب ڪي جي ٿي راضي رکڻو
من ۾ رک نہ مور ڀيائي
ميٺ محبت پورهيو پائي
رزق حلال جي ڪاءُ ڪمائي

ناهين اڄ ڪلهه ايڪو الفت
دشمن ٿيو آ ڀاءُ جو ڀائي
وڏيو ڪهاڙي وڻ ٽڏهن
ڳن سندس جو سگهه وڌائي
ڪٽو سدائين ڪڙم جو ويري
وات اهائي هر ڪنهن وائي
سائي ڪي ٿو سهي نه ڪوئي
بڪئي ڪي ٿو ڏئي نه ڪوئي
سنڌ ۾ ويو آهه ممڻ مچي
جاگيردارن آ جٽ جڳائي
ڌاڙيلن جي پشت پناهي
ميرن، پيرن آهه ڪرائي
ڌاڙا ڦرون مارا ماري
واهه جو هيءَ حڪومت آئي
بئنڪون ڦرجن ڏينهن ڏٺي جو
پوليس جي ٿئي خوب ڪمائي
تعاون ڪنهن جو ڪنهن سان ناهي
ملي نه مدد ڪنهن کي ڪائي
روڊ ۽ رستا، ريل ۾ خطرو
سفر لائقو واهه نه ڪائي
فتنو آهي بر ۽ بحر ۾
شودن آهي ننڊ ڦٽائي
سپر سوٽي ڪٽجي هٿ ۾
گڏهه نه ڪندو گوهي ڪائي

ڀڏڻ وارو ڪوئي ڪونهي
"جَوَ ڍيري گڏهه واهي"
وڏا وڏيرا صحيح سلامت
شريف جي آ شامت آئي
غريب، غربو وجي ڪاڏي
ڏاڍن آهه ڪئي ڏاڍائي
قوم جي ڪثرت شرفاء غرباء
غندا آهن ٻهه ادائي
ميمبر ٿيا آهن ملڪ جا مالڪ
نوڪري ٿوڪري ملي نه ڪائي
هجي ناڻو يا ڪا سفارش
ميرٽ پيرٽ آهه اجائي
آهه پريشان خلق خدا جي
ظلم آهه پڻ ڌوم مچائي
هلندي پڄندي آهي ان جي
جنهن کي آهي مٿي رسائي
انڊيرنگري چرپٽ راجا
ملڪ ۾ ماتم خبر نه ڪائي!
ڪم نه ڪرين ٿو ڪين ڪنهن جو
واهه وڏيرا تنهنجي وڏائي
ٻڌاءِ آهين ماڻهون ڪنهن جو؟
آفيسر جي آهه پڇا اهائي
مالڪ جا ماڻهون جتيون گسائي
پُٽِ ۽ مُٽِ آهه موج مچائي



www.sindhsalamat.com

رشوت سان تا مال بڻائين
ڪامورن کي ڪونهي خوف خدائي
ڪونهي اختيار ڪوآفيسر کي
سندس آهي سيٺ اجائي
حڪم جو بنده اُتڪ بيٺڪ
عوام اڳيان ڪري وڏائي
وون لئہ هئا در درسوالي
هاڻي لهن سار نہ ڪائي
وري اليڪشن اجهو آئي
ڏوڙ جا ملندن پڪ ادائي
قتل وغارت روز ڏسن تا
پر ڪهل ڪنهن کي ڪين آئي
ڪڏهن ظلم جون پاڙون پٽبيون
خلق خدا جي تنگ آئي
قوم جو ڪردار نہ آهہ عجب
چڙهتي سورج جي ڪري پذيرائي
معيار شرافت آ بئنڪ بيلنس
حقيقت جي پر خبر نہ ڪائي
وسائل رزق مهيا ملڪ ۾
پر عادت ان جي آهہ گدائي
حرام و حلال جي پرواهہ ناهي
جو اچي سو وجي ڪائي
قدر قوم ۾ ناهي ان جو
جوخادم سچو ۽ ڪري سچائي



عِلمِ ا"صلَ جو هاڻ فقدان آ
جهالت پڻ اجها آئي ڪه آئي
تهذيب مغرب جي يلغار آ
تباهي قوم جي اجها آئي ڪه آئي
شامت اعمال ما صورت نادر گرفت
متان قوم جي آ عذاب الاهي
آهہ"سانگي" سندو تو در سوال
متان ملڪ جي تون ڪر ڪا ڀلائي

www.sindhsalamat.com

## ”نينهن سندو نعرو“

ڳچڙيءَ ۾ پائي ڳارو، جانب جو پچان چارو
هٽي نينهن سندو نعرو احوال حوال ڪريان سارو
پيري جو پهر پهتو هٿ ڪين ڪيم رستولوڙيان ٿو
ڪيل ڪيتو هٿڙن مان ويو وارو
غفلت ۾ گذر ٿي ساري آ حياتي
اڃٽي آ مماتي ٿيندو ڪيئن گذارو!
بيدار ٿي غافل زندگي آ اڃا باقي
ڏي جام ڀري اقي ڀرپور وٿون وارو
وقت ڪين ويو آهي وهنوار گهٽو آهي
ڇڏ يار! ڪٽي سستي ڊولڻ ٿا هٽو ڊارو
معشوق مجازي ويا ليڪو آ لنگهي اڄ
ٿين ڪين ڪي راضي تن ڪان ٿا ڪيون ٿارو
ڪر عشق حقيقي ڇڏ يار مجازي
“سانگي” لڙهه لڳ محمد جي وٽ مولا جو سهارو





سن 1992ع ۾ جڏهن محترم سانگي صاحب حج تي وڃڻ لاءِ پيو سانبها ڪري تڏهن هيءُ شعر محترم چيو:

## حج لاءِ سانباها

پهر پيري جو آ پڳو، سانگي ٻہ حج تي هليو
نيڪ ٿائين ۽ سوٽ پائڻ صاحب آ ڇڏيو
ڇڏي آ هُنَ ڇيڪ ڏاڙهي سنت نبوي جي سبب
مُڇون موزون رکي هُن مٿايو آ پڻ حليو
زندگي بي بندگي، شرمندگي، آ بيگمان
هن ان پابندي تي عزم پڻ پختو ڪيو
توبہ تائب ٿي مڪي ۾ بيت الله جي اڳيان
سر جهڪائي سجدا ڪري پرين پرچائڻ آ هليو
اي الاهي بخش سانگي ذات تنهنجي آ سانگي
ٿي مثل سانگي رهڻ جو حڪم توکي آ مليو

محترم مڪ المڪرمة ۾ پهچڻ بعد بيت الله اڳيان بيهي پنهنجي مالڪ کي هيءَ التجا ٿو ڪري ۽ هڪ وڏيڪ پٽڙو عطا ڪرڻ لاءِ التجا ڪيائين جو سندس مرحوم والد جي نالي رکڻ تي ڪيس تمنا هئي.

## ”التجا“

جهڙو تهڙو تنهنجو آهيان تنهنجي در تي آيو آهيان
واهه نہ ٻي ڪا تو بن پانيان تنهنجي در تي آهيان
ميٺ مدايون مالڪ منهنجيون غرق گناهن ۾ ٿي آيو آهيان
ڏوهہ ڪيا ٿم ڏوهي آهيان، بخشس لاءِ تو در آيو آهيان
توبہ تائب تو وٽ ٿيان ٿو، وعده پختو پڻ ڪيان ٿو
حڪم سنڌءِ تي هلڻ چاهيان ٿو ڪرڻ نيزاري آيو آهيان
تنهنجي ئي در جو طالب آهيان هر هر تو وٽ اچڻ ٿو چاهيان
پرت سنڌءِ جو پياسي آهيان تنهنجي ئي در تي آيو آهيان
احسان تنهنجو چار ڏنا ٿي هڪڙو پٽڙو اجا ٿو چاهيان
پيءُ جو نالو متس رکايان تنهنجي در تي آيو آهيان
هيءُ الاهي بخش آهہ تنهنجو اڄ پي تنهنجو صبحاڻ پي تنهنجو
”سانگي“ صوفي صاف سڏايان تنهنجي در تي آيو آهيان

ڪيس ستت الله پٽ عطا ڪيو جنهن تي پيءُ جو نالو رئيس عبدالمالڪ رکيائين. ساڳئي وقت محترم ڪعبة الله جي زيارت جو شرف حاصل ڪندي هي شعر چيائين

## ”آرزوءِ دل“

آرزوءِ دل لڳي جو زيارت ڪعبہ ڪيم
مالڪ ڪون و مڪان جي در اڳيان توبہ ڪيم
مرغ دل ڪر رقص اڄ جو ڪعبة الله خود ڏٺم
خالق اڪبر جي در اڳيان گريہ و زاري ڪيم
دل جي بيماري گنهگاري ڪندي ڪو چو اثر؟
آب زمزم سان عزيز شڪم ڪي شستہ ڪيم
يا الاهي! اڄ ڪان تنهنجي زات سان ٿو عهد ڪيان
حڪم هائي ايزدي سان دل سندم بستہ ڪيم
ڪاروان زندگي جي آهہ منزل آخري
ٿي وڃان آسان منزل جي ڪٽي ويسہ ڪيم
ڪين مون ڪي آهہ خطرو هن يا هُن جهان ۾
چو تہ مون اسلام تي ايمان ڪي پختو ڪيم
يا الاهي! ڪر ”سانگي“ مٿان ڪو ڪرم
ٿي وڃن سڀ معاف مون تان جي خطائون ۽ گنہ ڪيم

محترم سانگي صاحب پهرين ڏينهن عمره جو طواف ڪندي ڏاڍيءَ رش هئڻ سبب ساٿين کان وڇڙي ويو ۽ پيڙهه ۾ ايندي جيڪي هن تڪليف ڪاٽي ۽ پريشاني هيٺ رهيو ان کي گناهن جو ڪفاره سمجهي هنن بيتن ۾ بيان ٿو ڪري ته:

## ”ڪفاره گناهه“

ڏينهن پهرين منجهه طواف ڪعبة الله تي پڪڙ
حالت سڪرات تي پيٽ ۾ پيا تي وڪڙ!
دل جي حالت دگر گون مون اکين سان ڏٺم
ڪوبہ ساٿي ڪونہ ويجهو ٿئي ويئي ڏاڍي پڪڙ
ٿي هوا وئي بند بلڪل سوڙهه جي ٿي انتها
ساهه مٺ ۾ هو، وڳا ٿي منجهه ڪنن ڪيئي ڏڪڙ
سوڙهه نڪرڻ ٿيو مشڪل، پير ويا نڪري سندم
دل چيو تي درد مان اڄ تي گناهن جي پڪڙ
نفسا نفسي جو سمون هو هر بشر هو بي مزي
ساٿي سنگتي ويا جدا ٿيئي رهي هئي وٺ پڪڙ
عرض ڪيم الله کي معافي ملي ويندس مري
رب کي پئي ٻاجهه ڪا ٿيندي ڍري ويئي
ٿيا پريشان ساٿي منهنجا ٿي تلاش گمشده
وس وڏا مون پي ڪيا پر رستا ها ور وڪڙ
ٻارهن ٿيا ٽڪجي وڃي ويهي رهيس باب عزيز
رات جو ساٿي مليا مولا ڪيا وڏا وڙ

27

بستري داخل ٿياسون ٿي پئي تڪليف ڏاڍي
سات ساٿين جو ٿيو جن تي ڪنئين منهنجي هڙ
ٿيا مناسڪ حج سندم پورا منيٰ ۽ عرفات ۾
ٿيو طواف ڪعبة الله منجهه ڏولي مثل هڙ
ٿيا چڪر صفا ۽ مروه جا منجهه ڪرسي خير سان
حج ٿيو منهنجو عزيزو! ٿي نہ مون کي ڪا اڙ
اي الاهي بخش ”سانگي“ ڪر الله جا سو شڪر
جنهن گهرائي حج ڪرائي معاف تو تان ٿيا پيڙ

محترم الاهي بخش جي حج جي ساٿين ۾سکر جي نيڪ پارسا ميمڻ خاتون هئي جنهن جو نالو "امينہ" هو. هوءَ پنهنجي خاوند حاجي محمد يونس جي خدمت ڪرڻ سان گڏ سانگي صاحب جي بيحد خدمت ڪندي هئي ۽ سانگي صاحب کي "بابا" ڪري سڏيندي هئي ۽ سانگي صاحب بہ کيس نياڻي ڪري سڏيو هوءِ هن نيڪ بيبي کينرينہ اولاد ڪونهھو. پٽ پيدا ٿيڻ لاءِ سانگي صاحب کي عرض ڪيائين تہ سندس لاءِ دعا گهري تہ کيس الله تعاليٰ پٽ جي اولاد عطا ڪري. سانگي صاحب کيس فرزند صالح ڪرڻ لاءِ بيت الله وٽ ويهي الله تعاليٰ جي دربار ۾ هن بيتن ۾ ٻاڏايوءِ دعا ڪئي:

**"التجا"**

يا الله العالمين تو وٽ سندم هڪ سوال آ
تنهنجي خزانہ ۾ نہ ڪنهن بہ چيز جو ڪم ڪال آ
ڪر "امينہ" منهنجي دختر اختر ڪي عطا
پنهنجي رحمت سان ڪو پٽڙو اي سندم سو سوال آ
تنهنجي در تان نہ خالي ٿو وڃي ڪوئي سوالي
پر امينہ ڏيءَ جي جهولي اهو ئي عرض حال آ
ڪنهن جي در تي آئون وڃان تنهنجي در ڪانسواءِ
تنهنجي در جون آئون گدا تنهنجي در تي سوال آ
**تنهنجي رحمت جي رجاء ٿو ڪري سانگي عرض اڄ صبح**
ٿي وڃي شل شادمانو دل مٿان ملال آ
منهنجي بيماري ۾ منهنجي خوب خدمت هن ڪئي
جو سنديس دل ۾ پيرسنءِ هن ٻڍي جو خيال آ

محترم سانگي صاحب جي الله تعاليٰ دعا قبولي ڪئي جو سوا سال ڪان پوءِ نياڻي امينہ کي پٽ ڄائوءِ سندس نالو محمد احمد رکيائين. جيڪو هن وقت ٻئي درجي ۾ اسڪول ۾ تعليم وٺي رهيو آهي ۽ قرآن شريف جي ديني تعليم بہ مدرسي ۾ حاصل ڪري رهيو آهي ساڳئي وقت بارگاهہ ايزديءَ ۾ پنهنجي لاءِ 3 پنهنجي خاندان لاءِ بہ دعا گهريائين

دست بستہ تنهنجي گهر جي ٿو اڳيان دعائون گهران
ڪر ڪرم پر منهنجي جهولي جيڪي توڪان مون پنان
واهہ مون ڪي ٻي نہ آهي تنهنجي ئي در ڪان سواءِ
تنهنڪري مسڪين سنڌءِ تي التجائون ٿو ڪريان
اي خدا! تنهنجا خزانا ڪين ڪٿندا مور ڪڏهن
هن بندي بدڪار کي ڏي دولت دين و دنيا
ڪر ڪٿنب منهنجي مٿان تون بارش رزق حلال
ٿي وڃن پرپور خالي خزانا مال سان
نيڪ ۽ صالح ٿئي اولاد منهنجي اي خدا
دين دنياٿئي سندن اکيون ٺرن شل مون ڏسان
التجا ۽ آرزو منهنجي اجان هڪ ٻي بہ آهي
سنڌ ساريءَ ۾ امن ٿئي مرڪندو جيئن مون وچان
خاندان مست "سانگي" تي ٿئي نظر ڪرم
ٿي وڃي هر فرد مالامال تنهنجي رحم سان
مون الاهي بخش سانگي عرض توکي ڪيان
شل هجي ڪلمہ زبان تي مرڪندو تو وٽ اچان


www.sindhsalamat.com

بيت الله جي اڳيان بيهي سانگي صاحب پنهنجي گنهگاري جو اعتراف ڪندي هيءُ شعر چيو آهي:

## "اعتراف ۽ عجز انڪساري"

گنهگار آهيان، گنهگار آهيان
تنهنجي رحم جو مون طلبگار آهيان
خطا ڪار آهيان ۽ خطا ڪار آهيان
گناهن ڪان ليڪن مون بيزار آهيان
نندي ڪان وٺي مون نه ڪئي نيڪي ڪا
ازل ڪان ئي بڇڙو ۽ بدڪار آهيان
ڏسي منهنجي بدين ۽ بريان جو بچڪو
وڃي دل ڏڪي تي شرمسار آهيان
اچي تنهنجي در تي ٻڍاپي ۾ پهتس
ملي معافي مون کي عرضدار آهيان
مجازي صنم مون ڇڏيا سڀ وساري
سندءِ عشق ۽ محبت سان سرشار آهيان
الاهي بخش تو ڪري عرض تو در
ٿئي ڪا نوازش مون بيڪار آهيان
نه ساٿي نه سنگتي ڪو "سانگي" سندو
تنهنجي ئي مدد جو خواستگار آهيان



محترم سانگي صاحب بيت الله جو طواف ڪندي پڻ هيءُ شعر چيو

## "طواف ڪعبة الله"

اي خدا تنهنجو احسان تنهنجو گهر پرسان ڏٺم
روح تي تازگي جو درجو مان ڏٺم
عشق تنهنجي جي ڪشش ناهي ته ٻيو ڇا هي وري
جو اچي پهتس هتي ۽ پاڻ کي خندان ڏٺم
آب زمزم سان اڇواجرو اندر پنهنجو ڪيم
منجهه مسجد الحرام منڙو سندم شادان ڏٺم
لهي ڪٽ ويئي قلب تان روشن ٿيو منهنجو ضمير
پيا ڳڙي ڳوڙها سندم پاڻ کي گريان ڏٺم
حجر اسواد کي چمي تن سندم تازي ڪيم
ٿيو طواف ڪعبة الله جان جسو جنبان ڏٺم
ٿيو سڪون قلب حاصل روح کي راحت رسي
ٿيا وسوسا سڀ ختم ۽ روح کي رقصان ڏٺم
چونه "سانگي" خوش ٿئي جو پاڻ مالڪ آ گهرايو
پايه تڪميل تي پهتل دلي ارمان ڏٺم

ڪعبة الله پهريون دفعو جڏهن محترم سانگي صاحب ڏٺو ۽ سندس دل تي جيڪو اثر ٿيو ان جو اثر جو بيان ڪندي هي شعر اڻائين:

## ”تاثراتِ دل“

ڪئي جيئن مون نظر پهريون متي خانه خدا يارو!
سڪون دل ٿيو حاصل فڪر ويو تي جدا يارو!

يقين ٿيو منهنجو محڪم پڙهيم جيئن مون نمازون هت
گهريم دسعائون شفاعت لئه قبولي شل خدا يارو!

مڪ جي سر زمين تي مون ڪيم سجده شڪر جڏهن
رَسي ويئي روح کي راحت، اجان شل هت سدائين يارو!

نظاره مزدلفه، مني ڏٺم ۽ عرفات جو ميدان
قيامت جو هو پڻ منظر تئي پئي جان جدا يارو!

تهِ دِل سان ڪري شڪر خدا تي پئي زبان منهنجي
ڏني توفيق جنهن مون کي ڏٺم خانه خدا يارو!

وجان مسرور ۽ مخمور ۽ مدهوش تي جڏهن
پيران پيو آب زمزم جو ڪري شڪر خدا جو

الاهي بخش”سانگي“ تو ڪري توبه گناهن کان
ملي معافي وجان خوش تي ڪيان شڪر خدا يارو!



ڳوٺ سانگي جي هڪ ديني مدرسي قاسم العلوم ترڳچاڻي ۾ هڪ طالب نالي عبدالله بروهي پڙهندو هو ڳ ۽ اصل تعلق ميهڙ ڳوٺ فريد آباد جو رهنڌڙ هو. پر پنهنجي چاچي قاري عبدالڪريم بر ڳهيءَ سان گڏجي تعليم وٺڻ لاءِ ڪافي عرصو رهيو ۽ ديني نصاب هتي ئي پورو ڪيائين ۽ ڪجهه وقت سانگي ۾ ئي ڪاروبار ڪيائين ۽ پوءِ سعودي عرب هليو ويو اتي مڪ مڪرمه جي محله عزيزيه ۾ رهڻ لڳو ۽ اتي عربن سان گڏجي ڪاروبار ۾ شراڪت سان ڪندو هو سانگي ڳوٺ ۾ رهڻ دوران محترم الاهي بخش جي والد حاجي ماڪن صاحب ۽ پڻ الاهي بخش سان سندس ڏاڍي پريت ۽ محبت هوندي هئي ۽ محترم الاهي بخش سال 1992ع ۾ حج جي ادائيگي تي ويو تڏهن عبدالله بروهي صاحب سان مڪ مڪرمه ۾ ملاقات ٿي عبدالله بروهي سانگيءَ جي ڏاڍي خدمت ڪئي ۽ ساٿس ڏاڍيون ڪچهريون ۽ روح رهاڻيون ڪيون سانگي سندس قرب کان ماتثر ٿيندي ان جي تعريف ۾ هيٺيون شعر چيو آهي.

## ”عبدالله بروهي“

تنهنجيون خدمتون ۽ محبتون ياد رهنديون عبدالله
قرب واريون پڻ ڪچهريون ياد رهنديون عبدالله
تنهنجي نندپڻ جي ظرافت ۽ شرافت ياد
خوب تنهنجيون خوش مزاجيون ياد رهنديون عبدالله
تنهنجي رويه ۽ روش کان دل متاثر تي گهڻو
تنهنجيون منڙيون مرحبائون ياد رهنديون عبدالله
توکي ملندو خدمتن جو پڻ صله روز جزا
تر و تازه پوڙ مانيون ياد رهنديون عبدالله
سنڌ جون مهمانوازيون تو رکيون قائم مڪ ۾
شفقتون هي شان واريون ياد يهنديون عبدالله
آ الاهي بخش”سانگي“ تنهنجو دعاگو عبدالله
تاحيات هيءُ مسرتون ياد رهنديون عبدالله

## ”مدينه ڏانهن روانگي“

محترم سانگي صاحب مڪه مڪرمه ۾ حج مبارڪ جا ارڪان عبادتون ۽ زيارتون پوريون ڪري مدينه ڏانهن روانو ٿيڻ وقت هي شعر چيو:

اڄ ڇڏيون ٿا خانه خدا صبح ڏسنداسون مدينه
ٿيو ختم هت رزق منهنجو ٿيو شروع هُت آب و دانه

شل واري آڻي خدا مون کي مڪه تئي حج سندم
يا ڪيان عمرتئي دلري سندم شل آبگينه

تئي زيارت ڪعبة الله جي سندم هر سال پئي مثل
جيئن وڃي شيشه مثل تي صاف سترو شال سينه

آرزوءِ دل اٿم ايندو رهان هت تاحياتي
تئي ختم ڪٿ قلب تان ۽ ڪورجي دل جو به ڪينه

عرض منهنجو ڪيئن نه اگهندو جو ته ڏسندس ڪعبة الله
دل سچي سان دعا گهران ٿو تَنُ اجا آهي توانه



سنڌ سلامت . ڪام

مدينه منوره ۾ پهچي سانگي صاحب جي نظر جڏهن گنبد خضراء تي پئي تڏهن هيءُ شعر چيائين

## ”گنبذخضراء“

گنبد خضراء ڏٺم ۽ دل، اکيون منهنجيون ٺريون
مسجد نبوي پسيم ۽ دل، اکيون منهنجيون ٺريون

هيءَ تمنا من سندم جي روضه رهبر ڏسان
ديدار ان جو اڄ ڪيم ۽ دل، اکيون منهنجيون ٺريون

ٿيو وڏو ارمان مون کي ڪين جو جو مون مرقد ڏٺو
الصلواة والسلام چيم ۽ دل، اکيون منهنجيون ٺريون

سوراخ مان ديدار جي ڪوشش ڪيم هر هر مگر
ڪين ڪو ديدار ٿيڙم ۽ دل، اکيون منهنجيون ٺريون

روشني قطعي نه هئي منجهه روضه خير البشر
پر جو سرور مون کي رسيم ۽ دل اکيون منهنجيون ٺريون

دل الاهي بخش ”سانگي“ جي ڪيو پئي صد سلام
روضه رهبر کي اڳيان ڏٺم ۽، دل اکيون منهنجيون ٺريون

www.sindhsalamat.com

## ”مسجد نبوي ۾ دعا“

هاڻي ڪير اچي ۽ ڪڏهن اچي اها خبر نہ آهي خادم کي
شل مهر ڪري هت آڻي مالڪ ندر نماڻي نادم کي

دعا مڪ ۾ اچا گهريم ٻي ملي امينہ ڏيءَ سندم کي
پٽڙو هڪڙو بخش جو پاڳون سک ڏناجنهن خادم کي

مسلم دنيا دردن ۾ آ سنڌسورن ۾ آ
رحم ڪر اسان مسڪينن تي ڏي ستت سزا هر ظالم کي

مست رهان شل مستيءَ ۾ هر دم تنهنجي بستي ۾
وڃان نہ ڪنهن جي وستي ۾ پيو آڻ هن خادم کي

عرض الاهي بخش ”سانگي“ ڪري ۽ ٿي سربسجود ٿو سانگي چوي
عشق حقيقي عطا ٿئي هٽان بٽ مزاجي بالم کي

## ”الوداع“

الوداع اي سر زمين پاڪدامن پاڪباز
تو ۾ آهي آشيان رهنما ۽ ڪارساز
ٿي تمنا دل جي پوري ڪعبة الله جي ڏسڻ سان
حج ٿيو عمرا ٿيا شڪر خداءِ ڪارساز
ٿيو طواف ڪعبة الله ۽ ٿيون نمازون سڀ ادا
مسجد نبوي اندر دل سان پڙهيم پئي نماز
حج ٿي ويو خير سان مولا ڪئي مون سان مدد
شل قبولي قرب سان منهنجي عبادت بي نياز
پهر پيريءَ جو گذر ٿئي خير سان خاطر خواهہ
شل هلائي اسلام تي پڙهندو رهان مون پيو نماز
ڪر الاهي بخش سانگي کي ڪرم منجهہ دوجهان
هن چڏي آهي رکڻ ٻين سان سدائين سازباز
تنهنجي در تي آهہ منهنجي هيءَ دعا هر دم خدا
زيارت مڪ مدينہ سان سدائين پيو نواز
صد شڪر تنهنجو خدايا! تو ملايو هڪ فرشتو
جنهن ڪئي ٿي خوب خدمت ۽ هيو سو پاڪباز
عرض منهنجو آهہ توکي يا الٰہ العالمين
ڪر فرشتہ جون مرادون پوريون اي ڪارساز

## "واپسي هوائي جهاز ۾"

واپسي تي اڄ اسان جي لک احسان رب جا
حج ٿيو ۽ ٿي ويس حاجي لک احسان رب جا

ياد آهيان ياد رهندس ڪئي فرشتہ هت وزٿ
۽ ٿي ويئي مزاج پرسي لک احسان رب جا

عرض آخر ويندي ويندي مون ڪيان ٿو هٿ ٻڌي
ٿئي سندس مراد پوري لک احسان رب جا

ٻار ٻچڙا مون سان ملندا منجهہ ڪراچي شام جو
رات جو ٿيندي ڪچهري لک احسان رب جا

چو نہ "سانگي" خوش ٿئي هار پوندا حب منجهان
شل ٿئي جرني سچائي لک احسان رب جا



محترم سانگي صاحب حج ڪريموٽي آيوتڏهن بہ تانگهہ سندس حرمينشريفين ڏانهن رهندي رهي ٿيوري وڃڻ لاءِ واجهائيندو رهي ٿو۽ مالڪ کي ٻاڏائيندي هيءُ شعر چوي ٿو:

## "وري واڳ وارج"

وري واڳ وارج مڪي ۽ مديني
نمازون پڙهائج مڪي ۽ مديني

مڪيان مرسل سنڌ ملڪ جي دز
گهٽيون سڀ گهمائج مڪي ۽ مديني

ويا ڏينهن گذري چائنٽ تنهنجي چمندي
پرت سان پڄائج مڪي ۽ مديني

نہ آ ڪو ڀروسو عمر بي بقا تي
ستت رب رسائج مڪي ۽ مديني

متا مير مرسل تانگهي تي دل توڏي
گهرائي رهائج مڪي ۽ مديني

الاهي بخش تو ڪري التجا
"سانگي" کي سڏائج مڪي ۽ مديني

پاڻ سڳورن ﷺ جن جي عشق ۾ مديني جي اڪير ۾ سانگي صاحب هيءُ شعر چيو آهي

## ”اڪير“

ٿي پکي اڏري اچي شل مديني ۾ پڄاڻ
تنهنجي مسڪن ۾ مديني جي مٿي منهن ڪي مڪيان

ڏينهن گذري ويا گهڻا تنهنجي گنبذ کي ڏٺي
آرزو آهي مرسل شل مديني مون ڏسان

روضه اطهر ڏسي اکڙيون سندم مون ٺاريان
مسجد نبوي ۾ روز شب عبادت پيو ڪيان

دل جي تمنا شل پڄي سنڌ ڇڏي تو وٽ پڄان
روئي روئي تنهنجي در تي محب معافيون پيو وٺان
حال منهنجي تي رحم ڪر پاڻ ڏي جلدي گهُراءِ
دم تي ويس ڪين آ مون متان هتڙي مران

عرض ”سانگي“ جو اگهي موت شل تو وٽ ٿئي
روح کي راحت رسي پُڄا ڪان شل بچان



## ”درد جي دوا“

درد منهنجي جي دوا آهه مديني جي هوا
مرض منهنجي لاءِ پاٽي آ مديني جي دوا

ٿي پکي اڏري وڃان ملڪ مرسل جو ڏسان
ڪين مونکي ٿي وڻي سانگي سندي آب و هوا

پهر پيريءَ جو پڳو آهي، هاڻي ڇڏبو هيءُ جهڳو
ڪو مزو ڪونهي هت ڪو ڪين رهڻو آ روا

ٻيو دفعو جيئري مديني جا منارا شل ڏسان
روح کي راحت رسيا ڪريون ٺرن سرمه سوا

مال ملڪيت جي ڪمي توکي نه ڏيندو ڪا خدا
ڪر سخا ۽ خدمتِ خلقِ خدا، اي ابن حوا

ڇڏ الاهي بخش سانگي ڳوٺ سانگي ۾ سڪر
وڃ پرينءَ جي پار ڏي ۽ ڪر ڦٽو حرص و هوا

www.sindhsalamat.com

دنيا جهان کان بيزراي ۽ ان جي بيوفائي جو اعتراف

## "مون وڏي غلطي ڪئي"

دنيا سان دل لڳائي مون وڏي غلطي ڪئي
بي وفا سان اک اڙائي مون وڏي غلطي ڪئي
توهه ڪي سهڻو ڏسي گدري سندي صورت ڪنيم
نظر چوڪ کان دل ڦرائي مون وڏي غلطي ڪئي
رج مثل هو هن جو هرڪو وعدو عهد و پيمان
پاڻ ڪي رج ۾ رلائي مون وڏي غلطي ڪئي
بيوفا جي واعدن تير خواهه مخواهه وهلور تي
دين و ايمان ڪي لٽائي مون وڏي غلطي ڪئي
رات ساري خيالن ۾ بي قراري ۾ گذري
صبح جو سينو سٽائي مون وڏي غلطي ڪئي
هن جي سڪرن،دم دلاسن ۾ اچي ڦاسي ويم
رات و ڏينهان ننڊ ڦٽائي مون وڏي غلطي ڪئي
باخبر هن جي افعالن کان هيم توڙي ڪٽي
پوءِ بہ ساڻس پيچ پائي مون وڏي غلطي ڪئي
دل اجهان ساري مزو تي يار جي ياري سندي
محب کان منهڙومٽائي مون وڏي غلطي ڪئي
فڪر سانگي چو ڪري جو مهر مالڪ آ ڪئي
پاڻ ڪي مجنون بڻائي مون وڏي غلطي ڪئي
ڳوٺ سانگيءَ جا اباڻا سادڙا گهرڙا ڇڏي
سڪر ۾ هت گهر بڻائي مون وڏي غلطي ڪئي
ڳوٺڙي ۾ وڻ وڏن جا قيمتي باغو زمين
سي رلائي ۽ ڦٽائي مون وڏي غلطي ڪئي
ڪونہ مون ڪي تو سڃاتي ڪونہ ڪنهن ڪي تو سڃاتا
ڳوٺ مان لڏڙو لڏائي مون وڏي غلطي ڪئي



## "دنيا فاني"

دنيا دار فاني سان دلڙي لڳائي
عمر يار ساري ڇڏي سي گنوائي

ڪئي سي نہ ڪڏهين ڪ ڪارِ نمايان
هلون تا تڏهن يار ڪنڌڙو جهڪائي

ڪئي سي نہ خدمت ڪا خلق خدا جي
سڄو مال ملڪيت ڇڏيو سي وڃائي

عبادت، سخاوت نہ تي پاڻ کان ڪا
خدا شل هاڻ سندي رحمت وسائي

ثمر ساڻ "سانگي" نہ ڪوئي ڪنيو آ
جو خود خدا جو پيو ٻانهو سڏائي

## "چڏي ڏي"

چڏي ڏي، چڏي ڏي،چڏي ڏي، چڏي
دنيا جي ڌنڌن کي چڏي ڏي، چڏي

عمر تنهنجي باقي وڃي ٿا بچي آ
تون جهيڙن جهٽن کي چڏي ڏي، چڏي

وڃي ويهه مسجد تڏي تي سدا
فسادن ڦڏن کي چڏي ڏي، چڏي

دل و جان سان ڪر تون توبه اتي
گناهن گندن کي چڏي ڏي، چڏي

ڪري ياد رب کي وٺي ڏس مزو
دنيا جي مزن کي چڏي ڏي، چڏي

خدا توکي اولاد صالح ڏني آ
اجاين ڪمن کي چڏي ڏي، چڏي

پرائي پچر ڪان پري تي پرين!
گلا غيبتن کي چڏي ڏي، چڏي

اٿي رات جو تون خدا ياد ڪر
ندورن ننڊن کي چڏي ڏي، چڏي

اڳياڙي پلي جي پچاڙي پلي آ
براين بدين کي چڏي ڏي، چڏي



دنيا آهي فاني! لڏيندين هتان!
زمين و زمن کي چڏي ڏي، چڏي

ارادو پڪو ڪر چڱن تون ڪمن جو
ڪمن تون پُٺن کي چڏي ڏي، چڏي

حقيقي حبيبن سان هينئڙو لڳائي
مجازي بتن کي چڏي ڏي، چڏي

جهان رنگ و بوءِ جو وٺئه مزو
هاڻ ٻين تون سڏن کي چڏي ڏي، ڏي

شروع خدمت خلق "سانگي" تون ڪر!
پراڻن قصن کي چڏي ڏي، ڏي

مزو آ تڏهن جي مڪه موت ٿئي
هِتان جي دفن کي چڏي ڏي، چڏي

ونگووار تنهنجو ڪڏهن ڪين ٿيندو
مخالف مندن کي چڏي ڏي، ڏي

نگهبان تنهنجو خدا آهه "سانگي"
نگهبان ٻين کي چڏي ڏي، چڏي

## ”عرض“

عرض منهنجو آهہ مولا!مچ سندم دل جي صدا
خوش و خورم هر دم رهي تنهنجي در جو جي گدا

گوشہ تسڪين قلبي هن بندي بدڪار جو
آ مڪہ ۾ منجهہ مدينہ هر زمان اي ايزدا

ڪر عطا رزق حلال پاڪ صاف آب داڻو
پيءُ ڏاڏي جي زمينن مان تہ ڪائون پيا سدا

پهر پيريءَ جو پڳو آ ڪو سندءِ نظر ڪرم
خير سان گذري وڃي شل! تنهنجو ٻانهو يا خدا!

منهنجي ٻچڙن ڪي سدا ڪر سرخرو هر دوجهان
ڏک نہ ڏئي ڪو تون ڪڏهن تن ڪي اي منهنجا خدا

آشيانو هيءُ الاهي بخش ”سانگي“ جو سدا
تا قيامت تابنده و آباد رکجان اي خدا

## ”شام زندگي“

زندگي جي شام آ ورد زبان قرآن آ
مال ملڪيت جام آ ڪمزور پر ايمان آ
مختصر هت قيام آ هر درد جو درمان آ
خلق جو الزام آ پر ساڻ سڀ سامان آ
خوف، خطر و خام آ قرآن جو فرمان آ
عشق ٿيو بربام آ ۽ پرت جو پيمان آ
هيءَ دنيا آهي فاني،ڪم نہ رهندو ڪو هتي !
ڪر عمل صالح سگها ڪم ايندو اتي
جڏهن ڄڻيو پاليو وڏو ڪيو سا امڙ قادل ڪٿي!؟
جنهن پڙهائي هت پڄايوسو ابو ماڪن ڪٿي!؟
جنهن محبت سان هلايوسا سندم سوڊل ڪٿي!؟
آئون هتي ۽ هوءَ هتي پر ماڳ ۾ منزل ڪٿي!؟
جا اهي صدما سهي سا درد واري دل ڪٿي
ڇڏ پچر دنيا جي سانگي! اي تنهنجو شان آ
ڪوبہ تنهنجو يار ڪونهي! هڪ خدا جي ذات آ
حال پائي راز محرم سڀ اجائي بات آ
جنهن جي توکي تات آهہ تنهن کي تنهنجي تات آ
فڪردنيا آ وڪوڙيو حالت سڪرات آ
فڪر فردا ڪين ڪر جو رب سندءِ رحمان آ
ڇا اجان توکي کپي ٻيو سڀ تہ توکي آهہ حاصل
زر زمين اولاد صالح پٽ پوٽا ساٿ شامل
وقت پيري جو اٿيئي ٿي خدا ڪان ڪين غافل


www.sindhsalamat.com

خدمت خلق خدا ڪر ٿيءُ انسان يار ڪامل
وقت ويو ناهي اڃان بيدار ٿي پر ڪين ڪاهل
تنهنجو رهبر تنهنجو هادي مصطفيٰ ۽ قرآن آ
ساز سرندا سارنگيون سڀ ۽ مجازي معاملا
سخن سازي، بت پرستي، موج مستي مامرا!
محفل رنگ و بوءِ جا ڇڏ قصا ڪوڙا اجايا
ڇيڙ ڪا تند تار تازي جا وڌائي حوصلا
ڇڏ وساري يار ”سانگي“ هن دنيا جا دٻدٻا
آئون ساقي ڏي پيالو من سندم مستان آ



## ”اجايا انديشا“

اجايا انديشا ڇڏي ڏي ڇڏي
خطرناڪ خدشا ڇڏي ڏي ڇڏي

مناسب مثبت سدا سوچ رک
مگر منفي رايا ڇڏي ڏي ڇڏي

خدا تنهنجو ساٿي سدائين رهيو آ
ٻيا سڀ سهارا ڇڏي ڏي ڇڏي

ڀلي جون ڀلايون اڪيچار تو تي
برائي جا ٻچڪا ڇڏي ڏي ڇڏي

رزق جي ڪمي ڪاڻ رازق ڏني
فقر جا افسانا ڇڏي ڏي ڇڏي

عطا ڪئي خدا توکي اولاد صالح
اڃان ٻي تمنا ڇڏي ڏي ڇڏي

رفيق ملي توکي حور بهشتي
نياڳا تون نخرا ڇڏي ڏي ڇڏي

خدا جي ذڪر ۽ فڪر ۾ فنا ٿيءُ
مجازي ترانا ڇڏي ڏي ڇڏي

سڪون قلب آهه ”سانگي“ عبادت
مشاغل اجايا ڇڏي ڏي ڇڏي

## ”تون ئي تون“

الله هو،الله هو تون ئي تون ئي تون
سڀ جو خالق سڀ جو مالڪ مولا آهين تون ئي تون
سڀ ڪو توکي ياد ڪري ٿو سڀ جي وات آن تون ئي تون
رحمت تنهنجي ڪونه ورهايل سڀ جو ساٿين تون ئي تون
“سانگي” توکي عرض ڪري ٻئي جي جيڪو در نه وڃي
معافي لاءِ ٿو منت ڪري عرض اگهائين تون ئي تون



## ”عيد الفطر“
## ”التجا“

عيدالفطر جوموقعو مولا ڪيو نصيب
ٻارن ٻچن سان گڏ موجود آ حبيب

شڪر خدا ڪيان ٿو جو محتاج ڪين ڪنهن جو
آهي صحت سلامت گهرجي نڪو طبيب

پٽڙا عطا ٿيا پنج دولت ملي آ گنج
مولا ويهاريو من ۾ خاصو اٿم خطيب

فرصت جو وقت گذري،شعر و سخن ۾ يارو
دعويٰ آ دلربا جي آهيان چڱو اديب

اولاد آهه صالح ۽ رشڪ جهان رقيب
پڳدار ڳوٺ “سانگي” ڪونهي ڪوئي رقيب

مولا آ عرض منهنجو پوٽو مليم چوٿون
عيد سعيد آهي ڪلندو سندم نصيب

دل جي آ آرزو ٻيهر ڏسان مدينه
دل سان گهران دعائون تو وٽ اچي حبيب

خوش ۽ خرم آ سانگي قلبي سڪون هن ڪي
اڳتي آ ننگ ننگي ڪي ٿيندو نه هو غريب

محترم سانگي صاحب جي الله تعاليٰ دعا قبول ڪئي چوٿون پوٽو عبدالحميد ڪي عطا ٿيو جنهن جو نالو سندس والد عباس حيدر رکيو ۽ پنجون پوٽو سندس پٽ عبدالمجيد مان پيدا ٿيو ۽ ان جو نالو رئيس اسد الله رکيو ويو ۽ مولا جو شڪر ڪندي هيءُ شعر چيائين:

## "رئيس اسد الله ٿيو عنايت"

اسد اللّٰه ٿيو عنايت قادر ڪيو ڪرم آ
مولا ڪئي مهر آ من آ خوش خرم

رحلت رئيس ڪئي دل تي هو غم الم
آمد اسد ڪئي غم تي ويو ختم

ساقي! پيا پر ڪو جام،شراب شيرين
من موج ۾ نچي جيئن ساٿي اٿم صنم

سالن ڪانپوءِ صحن تي محفل مچي وئي
رمضان جو مهينو قادر ڪيو ڪرم

آيا اڱڻ عزيز خوش آ ننديو وڏو
مليون مبارڪون هر ڪو ٿيو خوش خرم

"سانگي" جو ساز دل وهواهه جو وڄي
سايہ رحمت مٿس آ رحمان جو رحم



محترم سانگي پنهنجي والد سڳوري جي وفات کان پوءِ صدمي سبب هي شعر چيو:

## "دل تي غبار غم"

دل تي غبار غم جو من تي ملال آهي
ٿي زندگي بہ ڇڻ مون تي وبال آهي

بابي سان پيار هو سو پيي گذاري ويو
دل کي لڳي وئي چوٽ جيئن جنجال آهي

شڪر خدا بہ ڪر، ذڪر خدا بہ ڪر
توکي پٽن ۽ پوٽن جو مليو عيال آهي

مالڪ جي مهر تو تي سانگي اڃا بہ آهي
تو وٽ زمين، جايون ۽ پڻ مال آهي

شڪوه شڪايت ڇڏ، ڪرياد نعمتون
توتي نہ اچٽو سانگي ڪڏهن بہ زوال آهي

مايوس ٿي نہ "سانگي" تنهنجو خدا بہ آهي
سوال ان کي جنهن وٽ ڪال آهن

پنهنجي والد جي وفات کانپوءِ محترم سانگي صاحب جي دل ۾ جيڪو انقلاب آيو ان جو تذڪرو هن شعر ۾ بيان ڪيو اٿس

## ”انقلاب دل“

فوت بابو ٿي ويو دل جو مٽيو مٽجي ويو
هن دنيا جي واسطن کان واسطو ڪٽجي ويو

هڪ صدي کان پي زياده جي عمر ان جي هئي
سلسلو آخر ان جو بہ موت سان ڪٽجي ويو

واسطا ۽ وابستگيون سڀ هن جهان جون ٿيون ختم
عشق دنيا عشق عقبيٰ سان مٽجي ويو

هن دنيا جي حرص محبت کان آ هاڻي بس پلي
روح ۾ عشق نبي آخرالزمان ويهجي ويو

نيڪ ماڻهن عالمن توڙي فقيرن، شاڪرن سان
۽ عزيزن قرب وارن ساڻ جيءُ جڙجي ويو

ڪين بچيو ڪنهن کان ڪڏهن حق جو ڪلمہ چئي ڏيو
ڪو متان سمجهي اٿين پيو خوف کان دبجي ويو

سرت سان ”سانگي“ گذارج باقي مانده زندگي
عشق آ الله سان هاڻي سنڌءِ اڏجي ويو

چار ڏينهن آ چاندني پوءِ انڌيري رات آ
هل هلان جي ڪار جاري ٿي سدا دن رات آ

فَاذْكُرُونِيْ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْلِيْ وَلَا تَكْفُرُوْن
جنهن جي تو کي تات آ تنهن کي تنهنجي تات آ

زندگي تي ڪونہ ڪنهن کي ڪوڪڏهن اختيار آ
موت کي پر زندگي تي هر گهڙي ٿي گهات آ

پير پيغمبر ولي پي ويا هتان آخر هلي
ڪين رهندين تون بہ هتڙي دائم خدا جي ذات آ

ڏات ناهي ذات تي جيڪو وهي سو لهي
ڪر اٿي تدبير ”سانگي“ جو نہ سٺي سنڌءِ سانت آ


www.sindhsalamat.com

محترم سانگي جو ننڍڙو آخري فرزند رئيس عبدالمالڪ جنهن جي پيدا ٿيڻ لاءِ بيت الله شريف ۾ دعا گهري هيائين الله تعاليٰ اهو پيدا ڪيو ۽ جڏهن اهو پنجن سالن جو ٿيو ته بيمار ٿي پيو ۽ ڪجه وقت ڪانپوءِ الله تعاليٰ کي پيارو ٿيو. سندس وفات جي صدمي ۾ ڏک سبب هيءُ شعر چيائين

خشڪ مخمل تي ويئي ۽ بند ٿيو چنگ و رباب
رئيس جي رحلت سبب ٿيا جگر و جيرا پي ڪباب

بند ميخانو ويو تي پيا پيچي جام و صراحي
هرطرف آهي خزان ۽ تي سندم شام شباب

ڪو علاج غم دل نه آهي ڇڏ پچر منهنجي طبيب
دل جو دلبر ويو جدا تي زندگي مثل حباب

دل جا ارمان دل ۾ رهيا چئو عزيزو! ڇا ڪيان؟
دل ۾ آهي روج راڙو ۽ اکين ۾ آهه آب

يا الله العالمين رحم ڪر ڪو راحمين
ڏي قرار دل سندم کي رئيس کي ڪلمه ثواب

خير رهند جو، گهري سانگي سنڌ ۽ بارگاه مان
شل رکين قائم سندس تون خاندان جو جاه و تاب





## ”راضي برضا“

راضي برضا آهيان رهندس جو خير ٿئي
پٽڙن ۽ پوٽڙن ڏيئرن جو خير ٿئي
تو ئي عطا ڪيو ۽ تو ئي گهرائي ورتو
باقي بچيل چئن پٽڙن جو خير ٿئي
چئن پٽن سان گڏ اهل ۽ عيال جو
مال و زر زمين ۽ مائٽن جو خير ٿئي
تقدير جي تقاضا تدبير ڇا ڪري
اکڙين سان پئي ڏٺوسي باقين خير ٿئي
سڀ ڪجه ڪيوسي قادر جيڪي پڇي سگهيو
رحمان تون رحيم ننڍڙي جو خير ٿئي
قسمت جو ڪرشمه هو سڀ ڪجه سنو سي پئي
توکان سواءِ نه چاڙهو وڏڙن جو خير ٿئي
انسان آهيان آخر فرشته ته ڪين آهيان
دل تي لڳي آ چوٽ اکرين جو خير ٿئي
معافي گهران تو مولا پنهنجي گناه جي
توبه ڪيان تو دل سان ٻچڙن جو خير ٿئي
انسان آهه بيوس ڇا تو ڪري سگهي
هر شيءِ تي تون حاوي، دکين جو خير ٿئي
قادر ڪريم آهين، رحمان رحيم آهين
صدمه سبب ٽٽل دلين جو خير ٿئي
صبر جميل جي توفيق ٿئي عطا
ويني وجي نه ساه ساهن جو خير ٿئي
دنيا جهان فاني هر چيز آهه فاني
ان سان نه نينهن لائڻ وارن جو خير ٿئي

هر ڪنهن سان خير ٿئي، ڪنهن سان نه وير ٿئي
وڙهندڙ خبيث ويري دشمن جو خير ٿئي
توفيق ڏي خدايا! انسان ٿي رهان مان
عشق رسول جي جذبن جو خير ٿئي
الله ڪر عنايت، دل جي دنيا ٿئي روشن
مَنَ تي اچي نه ميرُ ڪو سوچن جو خير ٿئي
جنهن سان نه ٿئي پيار! راه و رسم رهي
پر جي وڃي ٿي پيار پيارن جو خير ٿئي
وڻ جي وچن وڏا ٿي محبت ۽ پيار جا
پيارن انهن وڻن جي ڦلڙن جو خير ٿئي
مرجهائجي نه مکڙيون گلڙن سنديون وچن
سرهاڻ ڏين سڀ ڪي مکڙين جو خير ٿئي
پيدا ڪرين جي ٻارڙا خالق! خدائيءَ ۾
خلقيل انهن ٻچن ۽ ٻارن جو خير ٿئي
"سانگي" سدائين تنهنجو گولو غلام آهي
پيري سندو ٻهر آ محبن جو خير ٿئي



## مزاج

باغ و بهار ڪر مزاج دل ۽ دماغ رک سجاڳ
من کي ڪري جو موجزن آلاپ سو ڪو راڳ

عشق مجازي ذريعو عشق حقيقي منزل
دارالفنا آ دنيا! هتڙي نه ڪنهن جو ماڳ

سوچن کي ڪر بلند ساده سفر گذر
زنده رهڻ لاءِ ڪافي دلدار دال ساڳ

خلق خدا جي خدمت سڀ کان چون ٿا افضل
مسڪين جي مدد ڪر بيدار ڪر تون ڀاڳ

سيئي ڇڏي تون شوق رک خالق جي تند تنوار
گهريون ننڍون ڇڏي ڪر مسجد وڃي تون ماڳ

جوڀن جواني دل! غفلت ۾ ٿيئي گذر
ڀڄتي اچي ٿي پيري هاڻي ته ٿي سجاڳ

ڪر ترڪ فڪر يار! تنهنجو فقط آ اڄ
ماضي ويو گذر ٿي صبحان ملئه ته ڀاڳ

تنهنجي عمر آ ڪافي پيري ڪي ويو پڄي آن!
ڪر تون سفر جي تياري "سانگي" ڇڏي نياڳ

## پيچ

عشقءِ محبت مَنَ ۾ يارو ميلو خوب مچايو
سونهن سندو سردار اڱڻ تي سنپري يارو آيو آ

درد جي دونهين يار دکائي راهه عشق جي يار ڏيکاري
عشق اندر ۾ آڳ لڳائي محبت مچ مچايو آ

باهه برهه جي سوز ۾ ساڙيو! شاهد آهي آڙو پاڙو
نينهن جو ناتو يار نڀايو رنگ رنگي لايو آ

دلڙي ڦٽي کري دنيداري برهه اندر ۾ ٻاهڙي ٻاري
يار سان ٿي وئي پڪي ياري!ياري جي ماڻن ماريو آ

پرت وراڻي ورهين واري دل تي کري ٿي سدا سواري
سڪ جي سرکي پيتئين مرکي عشق منهنجو سرمايو آ

اسان تڳون پيا تنهنجي تاري چاهت چوٽ چاڙهيو آ
پيچ پرين کو اهڙو پاتو سانگي کنڌ ۾ سوگهو ڦاٿو آ

سڪ جي سرکي پيتئين مرکي عشق
منهنجو سرمايو آ



## حال دل

دل جي حالت دوستو! کهڙي چئي کهڙي چوان
مَنَ جي مندر آ جهري پيو ۽ کرڻ تي آشيان

کو مزو دنيا ۾ قطعي کونہ ٿو مون کي اچي
آهه باقي زندگي جا، سا پيو پوري کيان

آهه بهتر گهار دنيا ۾ مسافر جي مثل
جيئن آئين خالي هٿئين تيئن ويندين تون هتان

بي ثباتي آهه دنيا جي کان هر کو باخبر
آهه طلسم جو چکر اهڙو نہ ڏي ٿو کو ڏيان

رزق جائز جي طلب آ فرض تو تي ٿي مگر
غصب ٻين جا حق کرين تون پيو متان

ڳوٺ سانگي ساهه سياڻو وساري کين ڇڏ
خير خيراتون ٿئي مسجد بنائج ۽ مکان

خدمت خلق خدا ۾ خرچ کر پيو مال و زر
توکي ملندو ڏهه دنيا ۾ ۽ ستر منجهه هُن جهان

ساري عمر جي عبادت کان عدل هک ڏينهن جو
آهه بهتر تون وجي پڇ کنهن وڏي عالم کنان

پيءُ وانگر کلمه حق تون چئي ڏي چا بہ ٿئي
حق وارن جي مدد کر بي خطر رات و ڏينهان

جائنشين ٿي آهه مفتي ويو سندم دل جي اندر
رهبري ان جي سندو سانگي کري کهڙو بيان

## "وطن عزيز"

گهنگهور گهٽائن ۾ تنوير تو ڏسان
ممتاز ۽ منور تصوير تو ڏسان
بيدار ٿيندي پنهنجي تصوير تو ڏسان
پنهنجي وطن جي ٿيندي تعمير تو ڏسان!
نوجوان قوم جو ميخوار ٿي ويو
تعليم جو سرشتو بيڪار ٿي ويو
سياست سندو سفينو زير بار ٿي ويو
ڪشمير جي مٿان شمشير تو ڏسان!
امان و امان جي حالت ڪهڙي بيان ڪجي؟
ڪاموڪري بہ ذهنيت ڪهڙي عيان ڪجي!
سرادر قوم جو ڀي ڇا داستان ڪجي؟
مسڪين ماڻهو ملڪ جا دلگير توڏسان!!
هر چيز ٿي مهانگي، هر ڪو رهي پريشان
جائز بہ ڪم نہ ٿئي پيسا اگر نہ ڏيان
ڌاڙيل چور ڪو آزاد پيو پسان!
جابر جي جا بجا جاگير تو ڏسان! !
هر گوشو گوشو ملڪ جو گلزار ٿي وڃي
ويران هي وطن سبزه زار ٿي وڃي
بيڪار شل! وطن جو باڪار ٿي وڃي
ٿينمدي وطن ۾ اهڙي تدبير تو ڏسان! !
" سانگي" سندي دعا هر روز آ اها
وطن عزيز کي ڪر آباد يا خدا
شير وشڪر وڃن ٿي تنهنجا بندا خدا
گهلندي وطن ۾ اهڙي ٿڌڙي هير تو ڏسان!!



سنڌ سلامت ڪام

## " انصاف جو نيلام"

ٿو سرِ بازار ٿئي انصاف جو سلام اڄ
ظلم ۽ بيداد هر هنڌ آ ٿيو سربام اڄ

ٿيو غندن ۽ لوفرن جو هٿ قدر اي دوستو!
۽ شريفن ۽ عالمن جو نانءُ ٿيو بدنام اڄ

هير ڪا اهڙي گهلي جو ويا هتان جا وڻ سڙي
جو ڪري محبت سچي سو ٿو وڃي بدنام اڄ

جو چوي ٿو سچ ڪنهن کي سو وٽي ڪين اڄ
ڪوڙ اڙ ۽ سچ مرچان سچ ٿيو ناڪام اڄ

چؤ طرف چرخو هلي پيو هٿ نڳيءَ تاهه جو
ٿي سچائي ۽ صفائي پئي سهي آلام اڄ

ٿي الاهي بخش"سانگي" راهه حق تي گامزن
ڪڻ صراحي پُر ڪري پيءُ سچ ڪو جام اڄ

## "سانگي جو سفر"

ڪاروانِ زندگي جو هي سفر آ پُر خطر!
خير خوبي سان وجي ٿي اي دل من شل گذر!
ڳوٺ سانگي ۾ جنم ٿيو جت پڙهيم مون پرت سان
ڪار ڪم پنهنجي سزمين جو ۽ اميري جو گذر!
موج ۾ گذري رهيو هو "بورڊنگ" ۾ وقت پنهنجو
امتحان ٿيوپاس ٿياسي ڪين وسري ٿوپ سڪر!
"روهڙي" ۾ وئي ملي اي همنشين! هئي ماستري
عشق جو آغاز ٿيو ۽ پئي چيوسي خوب شعر!
ٿي رقابت راهزن! ۽ مون ڦٽي ڪئي روهڙي!
پوءِ ٿيس "سانگي" ۾ ٽيچر ۽ وسايم پنهنجو تر!
موج ۾ گذري حياتي خير سان "سانگي" اندر!
پر نہ وسريو يار! مون ڪان "روهڙي" جوئي شهر!
نائبي آ صاحبي "جا پرت سان گذري پئي"
پوءِ ٻُڙهي چاڪر ڏنوسي ٿيو پني عاقل چڪر!
پوءِ ماڊل اسڪول باگڙجي پڊ عيدن هاءِ اسڪول
مون هلائي سال ٻه ۽ پوءِ وسايم پئي سڪر
ايس ڊي او ايجوڪيشن افسري سڪر ڪيم
۽ اناسوي عيسوي ۾ مون ڪيو آهہ رٽائر!
ٿي ويو فرزند وڏو ائيڊشنل ڪمشنر!
ٻيو ٻہ انڪم ٽئڪس ۾ ٿيو آ انسپيڪٽر
هاڻي "سانگي" جو زميينداري ڏنڌو پنهنجو اباڻو
ٿو رهي سانگي ڪراچي ۽ وسايو ٿس "سڪر"!





## "دل مٽان ڌاڙو لڳو"

آزاد اڙٻنگ لا ابالي دل مٽان ڌاڙو لڳو!
موج مستي چاهہ چستي روح مان ويندو رهيو!

واهہ جو دنيا دورنگي دو رخي! دلبا ڏنئہ
شير دل، شهزور، منڙو زندگي ۾ مرده ٿيو!!

ڳوهہ ٿي واڳئون وئي ڄار ڄاهي آ وڏو
ڇاندِ ڇوڪر آ وِڏي رن سندو آ راڄ ٿيو

جا بجاءِ ٿي پچر پنهنجي ناچ نينگر آ وڏو
مڙس ماڻهو ماٺ ٿيا راڄ پاڙين جو ٿيو

ٿي وئي بيمار دل، درد جون دارون نہ ٿيو
ڪيد ڪدڙي آ وڏو چار سو چو ٻول ٿيو

هو نہ آهي هوش ۾ بي هوش ٿي ناهي ميار!!
جي اچي ويس هوش "سانگي" درد جو درمان ٿيو

## "ڇو ڪيان تو ڪان سوال؟"

راز پنهنجا پاڻ ڄاڻي ! ڇو ڪيان تو ڪان سوال؟
شل رهيل راضي مٿم ۽ پيو رکين منهنجو خيال!

سڀ جو خلق سڀ جو مالڪ، سڀ جو آهين رب رازق!
ڪار ساز دو جهان آن! ناظم جاه و جلال

حال مارا خود بداني! من چگويم پيش تو!؟
حڪم راني ڪامراني خرد تنهنجي جو ڪمال!!!

جنهن کي چاهين، تون ڪرين مالڪ تخت و تاج
۽ تو آڻين حڪمرانن جي تباهي ۽ زوال

جي ٿئين راضي خدا! مسڪين ٿين ٿا مالدار
پر جي بگڙجي تون پوين ضياع ٿي زر ۽ مال

عرض آ "سانگي" سندو، تنهنجي در گهه ۾ مدام
شاد ۽ آباد رکجان تون سندس اهل وعيال



سنڌ سلامت ڪام

## "لوڪ لهوارو، اسين اوڀارا"

لوڪ لهوارو، اسان اوڀارا،چال اسان جي آهه نرالي
لوڪ ڪان آهيون اسان نيارا چال اسان جي آهه نرالي
ايرا غيرا نٿو خيرا سي به وٺن ٿا وقت جا وارا
اسين وڃايون آيل وارا، چال اسان جي آهه نرالي
جهيڙو منهنجو ڪنهن سان ناهي جهيڙو منهنجو بُري بشر سان
ڪيبا يارو بري جا تارا چال ساسان جي آهه نرالي
سنگت اسان جي سڀ سان آهي، ويراسان جو ڪنهن سان ناهي
نينهن جا هٽندا آهيون نعرا چال اسان جي آهه نرالي
"سانگي" الاهي بخش سين لئ جو خير گهري پيو خالق ڪان
مالڪ جا هن پورا ڪارا چال اسان جي آهه نرالي
ماڻهو وٺن ٿا واٽ وڏن جي چڱي هجي يا بري هجي
اسان هلون پيا چڱا چارا چال اسان جي آهه نرالي
ڏور ٿا ٻڌجن نوڙن سان پر ماڻهون ٻڌجن نيت سان
پنهنجي ڳچي ۾ پيار جا ڳارا چال اسان جي آهه نرالي

www.sindhsalamat.com

## "حالات حاضره"

محفوظ نہ ڪوئي پنهنجي گهر وڃجي تہ ڇئو ٻئي ڪنهن جي گهر
اسلحہ رکن پيا غنڊا گهر ڏاڙا هڻن پيا غريبن گهر
وڃجي تہ حاڪم وڃجي تہ ڪاڏي؟ ڏاڙا ڦرون جاڏي تاڏي
امن و امان رهيو نہ ڪاٿي لٽجي هاٽي بحر و بر
حاڪم آهن خوش و خورم مسڪين ماڻهو زير وزبر
ڪنهن جو نہ ٿئي ٿو ڪوئي ڪم هر ڪو ٿيو آ ڏاڍي ور
ظالم ورتو آهي زور خوش و خورم غنڊو چور
شرفا ٻڪريون، شودو شير جيئڻ جنجال پنهنجي گهر
فرياد ڦرڙي ٻڌي نہ ڪوئي راتيون گذرن جاڳي روئي
اڪثريت اقليت تي ٿي آ حاوي حاڪم وٽ گڏ ٿئي پئي زر
حاڪم سانگي ويو آ ڦرجي غنڊن سان ويو آهي اڙجي
دل و دماغ ويو ٿس ڪڙجي مليس نہ ٽي وي زيور زر



سنڌ سلامت • ڪام

## "انتباهه"

حاڪمان وقت جو هي حال آ
ملڪ ۾ امن و امان جو ڪال آ
ٿيو پريشان هر جوان ۽ ٻال آ
هر حڪومت ٿي وئي بي حال آ

هر طرف هيئن مٿان بيدادُ آ
ٿي ويو حاڪم جڏهن بيداد آ
ڇو جو حاڪم ٿي ويو بيداد آ
ڪونہ ڪو مظلوم جو ڪٿ داد آ
هي اسان جو ملڪ جو احوال آ

هر وصولي ٽئڪس جي ٿئي ظلم سان
آبيانو، ٻل بہ ونجي ظلم سان
واپڊا جي ٿئي وصولي ظلم سان
ٿيو وڏو مسڪين سان هٿ ويل آ

زور ۽ ظلمن سندو هٿ اڄ آ
اقتدار وقت جو هر ڪاڄ آ
ڪونہ هٿ محبت سندو مٿاج آ
اهڙو اسان جي ملڪ جو ماحول آ

هر حڪومت جي بنياد انصاف آ
عدل ڪان ٿي هي خطو ويو صاف آ
منطقي ان جو نتيجو صاف آ
سر زمين پاڪ ٿي بدحال آ

www.sindhsalamat.com

ڪونه ڪنهن جي ڪو ٻڌي ٿو ماجرا
حال هر ڪنهن جا ويا ٿي هت برا
ڏي حڪومت ٿي اجايا آسرا
ملڪ جو اڇٽو ستت زوال آ

هر طرف جور و جبر جو دور آ
ڪم نه ڪٿ ڪو ٿئي پر شور آ
سڀ انسان ٿي ويو چڻ ڍور آ
ٿيو غريبن جو برو هت حال آ

ڪونه ڪو ڪٿ پيو ڪڏهن محفوظ آ
ريل رستو به ڪونه محفوظ آ
گهر اميرن جو مگر محفوظ آ
چور غنڊي جو مگر زر مال آ

چيڪ ٿين ٿا لائسنس ماڻهن سندا
پر وتن ڏاڙيل ٿا فائر ڪندا
ڪيئن ڏنڌا ڏاڙي هتي ماڻهو ڪندا
ڪو پڇٽوارو نهمائي لال آ

ملڪ جي ٻيڙي آ ٻوڙي حاڪمن
دين ڪان منهن آهه موڙيو صاحبن
ملڪ جي آ واڳ ورتي جاهلن
جَوَ ڏيري گڏهه رکپال آ

ڪونه ڪنهن ڪي، ڪو ڪهين تي قياس آ
جوءِ جا جوتا ڪائي سو باس آ
ملڪ سارو يا خدا ٿيو ناس آ
خوب ڪائين مفت جو چڻ مال آ

ڪو ٻڌڻ وارو نه آهي ڇا ڪجي؟
ڪو عدل انصاف ناهي ڇا ڪجي؟
ملڪ سارو پينگ آ ڇا ڪجي؟
ڇا نه ٿيندو بڪ بڇڙو ٽول آ

آ تقاضا وقت جي ڪٽڃي ڏنڊو
ڇا ڪندو بد معاش ٽوڙي جو غنڊو؟
مُڙُ نه، ٽوڙي تون هجين بلڪل منڊو
مڙس ٿي تنهنجو خدا رکپال آ

حاڪمو! بيدار ٿيو بيدار ٿيو
خواب غفلت کير ڇڏيو بيدار ٿيو
انقلاب خون آ نروار ٿيو
جو ته هر ڪو ٿي ويو بي حال آ

ديد" سانگي" جي ڏسي ٿي دوبدو
هو ٻڌي ٿو هر ڪهين جي گفتگو
لپ سروس ڪم نه ايندي ششتشو
وڏو وڏيرن جو به ٽيٽو برو حال آ

## "پهرو"

پهرو آ خود خدا جو سانگي جي گهر مٿان
مولا جو موچڙو آ دشمن جي سر مٿان

ورد زبان آ نالوءِ محمد ۽ خود خدا جو
مون کي نه خوف خطروشيطان جي به سر مٿان

دين و ڌرم اسان جو عشق رسول يارو
جان و جسم به قربانءِ محمد جي در مٿان

حڪمءِخداجو پابند موحد جو هي آ فرزند
مال و متاعقربانءِ دلبر جي سر مٿان

دشمن جي دشمنيءِ شيطان جي شرارت
ناهي ڪو پؤ ۽ پولو ناري ۾ نر هٿان

سايو آ خود خدا جو "سانگي" جو سر مٿان
دهمان آ سندسءِ دشمن جي سر مٿان





## "اعترافءِ التجا"

ٿنفس کي ماري مجائي مون ڪيو موليٰ آ مُج
آب ڪوثر جي پيئڻ لئہ آ لڳي وئي تاس اڄ

زندگي گذري گناهن ۾ خدايا معاف ڪر
تو ڏسان نامہ اعمال ۾ سراپا صاف سچ

ڪو چڱو ڪم ڪين ڪيو آمنهنجا موليٰ مون ڪڏهن
شام ٿي آ زندگي جي آهہ اڳتي روهہ رڃ

اک ڪلي آهي تڏهن ڪمزور ٿيا عضوا جڏهن
منهن ڏسان ٿو تن جا ڦريل جنڪيا ٿئي روز پنج

باقي مانده زندگي شل!خير سان ٿئي پئي گذر!!
جيئن نہ اڪين سان ڏسان ڪا خانداني ڌاهہ پنچ

ٿئي الاهي بخش"سانگي" جي دعا مقبول موليٰ
خانداني خير ٿئيَ بد خواه ٿين سڀ ماتِ مُج

# "انصاف جو نيلام"

لا تقنطوا من رحمة الله مايوس ٿيڻ ڪفر آ
آسان توڻي مشڪل، زندگي ٻه هڪ سفر آ
انسان پاڻ پيدا ٿيو ڪين آ مگر
خلقيو خدا آ هن ڪي ڪرڻو سندس ذڪر آ
انسان سر الاهي انسان ڪي فخر آ
هر حال ۾ خدا جو ڪرڻو سدا ذڪر آ
دنيا آ دار فاني هلڻو هتان آ جاني
انسان آمسافر مرڻو ٻه هر بشر آ
پنهنجي مون واڳ والي تنهنجي حوالي ڪئي
هاڻي نه مون ڪي مولا ڪوئي ڪڏهن فڪر آ
اولاد، مال، ملڪيت مغرور ڪيو مگر
دامن ڇڏيم نه تنهنجي، تنهنجو خدا شڪر آ
من آ منجهي پيو دل تي رهي پريشان
ڪر ڪا مدد تون مولا پيري سندو پهر آ
رزق حلال ۾ ڪر ڪا ڪشادگي
مال و رزق جو تو وٽ پريل خدا بحر آ
احسان تو ڪيا بدڪار هن بندي تي
پرتا تي ٻار ٻچڙا، مون ڪي نه ڪو فڪر آ
"سانگي" غلام تنهنجو،پرَتو آ مولا توڪي
هر وقت ٿيو زبان تي، جاري سنڌءِ ذڪر آ



پنهنجي ننڍڙي پٽ رئيس جي وفات تي سندس شعر

تو عطا ڪيو تو گهرايو،حڪم تنهنجو ٻر چشم آ
هئي امانت تنهنجي مولا! منهنجو هو نور چشم
عرض منهنجو تو اڳهايو جو ڪيم ڪعبي اڳيان
ناز برداري ڪيم ۽ پيار جو مزڙو ورتم
روح راڙو ڇوڪيان؟جو تو ورائي آ ورتو
تنهنجو هو پر،منهنجي اکين جي ضيا تي وئي ختم
ٻر رضاء ايزدي دل، آ سندم خوش ۽ خرم
جي وٺئہ واپس امانت ڇو ڪيان رنج و الم
چار پٽڙا پوٽڙا تنهنجا ڏنل آهن اڃا
ڇا عنايت آ ايها اي خدا! ڪا مون تي ڪَم
فطرت انسان عجيب سوچ منهنجي ڪان مٿي
راز پنهنجا پاڻ ڄاڻي مون تي ڪر ڪو هاڻ رحم
هيءَ دنيا آهه فاني ڪونہ رهندو ڪو هتي
پير پيغمبر هليا ويا، ڇا ٿيو جي پٽ ويم
وقت مرهم، مرض ۽ غم چون ٿا سڀ چڱا
منهنجي غمگين دل ٻه ٿيندي يارو! خوش خرم
ڪونہ واپس ڪو مئو آيو ڪڏهن آهه عزيزو
ٿي اجائي آهہَ زاري ڪو ڪجي ٻيو ڪار ڪم
فڪر دنيا ڪر ڦٽي پر،ڪر ثمر عقبيٰ سندو
پيرسن بيدار ٿي ۽ ڪر چڱو ڪو ڪار ڪم
غيب جو آ علم توڪي، مالڪ ڪون و مڪان
تون تو ڄاڻي واڻ پنهان! پنهنجي ڪم جا دم بدم
آ سر تسليم خم، "سانگي" سندو تنهنجي اڳيان
مثل ڪرين پيو اي خدا! سانگي مٿان نظر ڪرم

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت • ڪام


## "هر فرد آ پريشان"

حالات ٿيا دگر گون هر فرد آ پريشان
ترقي جي تگ و دو ۾ ننڍڙو وڏو آ ڪوشان

چؤ طرف آهه فتنو، ڪونهي سڪون ڪٿي پي
ماحول تي آ اهڙو، هر ڪو رهي هراسان

گهڻ ڪين آهه ڪنهن ۾ ليڊر ، مُلو، موالي
هر ڪو چوي ٿو جيڪر وينومزا مون ماڻيان

پنهنجو آ پيٽ پالڻو، هر ڪنهن کي اي عزيزو
ڪنهن کي نہ خيال ڪنهن جو پل ڪو ڪري پيو دانهان

خود غرض ٿيو آ هر ڪو، تڏهين ممڻ متو آ
چا جي آ ديناري سڀ ڪجهه روان دوان

منڪر خدا جا هڪڙا ٻين جو آ دين دوکو
"سانگي" انهي دنيا ۾ پيو ٿو گذر ڪيان مان

.

## "خوشيءَ جو راز"

خوش ۽ خورم رهان ٿو، ڇو جو آ يار گڏ
بي خوف ٿي گهمان ٿو، ڇو جو آ يار گڏ

مشڪل ڪشا رهي ٿو همراهه هر گهڙي
ڏک ڪين ڪو ڏسان ٿو،ڇو جو آ يار گڏ

پرواز آهه پنهنجو جاني جو جوءِ ۾
مشڪل نہ ڪا پسان ٿو،ڇو جو آ يار گڏ

ارمان آرزو دل جا ٿين ٿا پورا
مؤجن ۾ مون رهان ٿو ڇو جو آ يار گڏ

هر درد جي دوا، دارون آ دلربا
مورن جيان نچان ٿو، ڇو جو آ يار گڏ

محبوب مه لقا جو هر حڪم آ اکين تي
"سانگي"جوان رهان ٿو، ڇو جو آ يار گڏ


www.sindhsalamat.com

## "بيدل"

سنڌ جي شعرا سندو شعر و سخن اي دل ڪٿي
پر انهنءِ اي عزيزو جذبہ بيدل ڪٿي

روهڙي آهي عشاقن ۽ فقيرن جو نشان
پر ڏسان ٿو ڪين ڪوئي پيو مثل بيدل ڪٿي

شاد ۽ آباد رهندي تا قيامت روهڙي
جو لڳي ٿي ڪين سانگي جي عزيزو دل ڪٿي

روهڙي ٿي آ منور عشق جي اسرار سان
مَٽُ نہ سانگي آهہ ان جي ۽ پنوعاقل ڪٿي

مون ڇڏي سانگي سکر ۽ ٽيس اچي ٽيچر هتي
در گاهون ٻيون پيو گهٽيون پر درگاهہ بيدل ڪٿي

ڪو مزوآيو نہ "سانگي" ڪي سکر توڙي پَني
سونهن ۾ آ سرس ٻي ڪا بلبل بيدل ڪٿي



## "پيري"

عمر طبعي تي گذر، آهہ پيري جو پهر
ڇو اجايو ڇڏجي گهر؟ ڇو نہ گهمجي بہ پنهنجو تَرُ
ڪيو حڪم مون کي ابي هو "ڪين ڪڏجان گهر کان ٻاهر"
"هت دوا درمل ڪيو پل پر نہ ڇڏبو پنهنجو گهر"
مون سدائين پيءُ جي حڪمن جي ڪئي پئي پيروي
آ اجان مون تي سندس ڪردار جو ڪافي اثر
آهہ بهتر ڳوٺ پنهنجي پيو ڪجي دارون دوا
عمر طبعي کي پڳاهون،موت جوآ ڪونہ ڊر
ڪَم زماني جا رلي ويندا اگر رهيو سکر
ڪين جهڙا پي ڪري هلندا مٿي پيا ڪنڌ ڪر
ڪونہ ٿو سانگي لاهي ٿو سگهان ان ذات جو
پنج پٽڙا مالمڏيون، جنهنڏنو آ اقتدار
جان ساري ۾ ٿئي محسوس هردم درد ٿو
آهہ شايد ٿيو اچي ويجهو سندم پويون گهر
ڪرتوڪل ان خدا تي جو آ معراج خلق جو
ڇڏنہ سانگي تون نبيءِ مشڪل ڪشا جو يار در

## ”روح رهاڻيون“

روح رهاڻيون ڪنهن سان ڪجن! محب ويا سپ ملڪ عدم
پل پل ٿا سندن پيا پور پون! محب ويا سپ ملڪ عدم
جن سان گذاريم گڏجي جاني! دنيا آخر ٿيڻي آ فاني
دل جا ڪنهن سان حال ڪجن محب ويا سپ ملڪ عدم
ساٿي هيڙا ساهه سيباڻا،ڪين ٿا وسرن محب اباڻا
يد اچن ٿا تن جا ماڻا نير وهائن نيڻ نماڻا
يادون تن جون هينئڙي هرن! محب ويا سپ ملڪ عدم
انگل آرا محبت وارا! جن جا هُيڙا ناز ميارا
ويڙا وڇائي پنهنجا وارا،نيڻ وهائن تن لئہ نارا
درد جا دل ۾ دونهان دُکن، محب ويا سپ ملڪ عدم
پرت جا جن سان پيچ مون پاتا،نينهن جا جن سان جوڙيم ناتا
منهنجي ملڻ لئہ هيڙا جي آقا،اڱڻ تنين ڪي آٽيم و آتا
خواب ۾ اکريون تن کي پسن!محب ويا سپ ملڪ عدم

## ”غم جانان غم دؤران!“

غم جانان ـ غم دوران غم جام و صراحي ڇڏ
ڇڏي ساري زمين و زر وڃي پڪڙا مديني اڏ
هتان جي مال و ملڪيت جي محبت ڪان مَٿي منهڙو
حياتي ڪي بقا ناهي، سگهو سانگي مديني لڏ
لڪين احسان خدا تو تي ڪري سانگي سدائين ٿو
عطا اولاد صالح ٿئہ مدد تن لئہ خدا ڪي سڏ
شڪايت ڪر نہ ڪنهن جي پرڏنگايون پنهنجون پي ڏس تون
امين ڪي ڇڏي سانگي غريبن ساڻ گوڏو گڏ
ڪري ڪي خير خيراتون، غريبن جا پري ڇڏ گهر
اجايو ڪين ڪنهن سان پي نہ پوندو ڪر ڪڏهن تون تڏ
ستم سانگي زماني جا عزيزن جي غدارين جا
وساري ڇڏ وساري ڇڏ، وساري ڇڏ وساري ڇڏ


www.sindhsalamat.com

## ”اي دل“

دو رنگي دنيا جي ٿي اطوار ايهي
۽ پيري سندا پيي ٿي، پر ڪار ايهي

پسند ڪين پياسي، پرين ڪي اصل ڪان
چٽا ٿيا مگر هاڻ، آثار ايهي

اجايو پيا هون چڙهي چنبڙي تن ڪي
ويا توڙي آهن ٿي بيزار ايهي

حياتي ڏڪن ۾ به ويندي گذر ٿي
ڇڏي ڏي پرت جا تون وهنوار ايهي

نه ايڏو پريشان ۽ مايوس ٿي تون
ٿهي ويندا تو سان حسندار ايهي

هلي ايندا تو وٽ هلي ايندا تو وٽ
ٻُڏي دولت وڏن جي جهٽڪار ايهي

خدا ۽ محمد سان نينهڙو لڳائج
ڇڏي گلبدن جا تون رخسار ايهي

نه ”سانگي“ ذڪر ڪر حَسينن جو هاٽي
ڦٽي ڪر خدارا تون دلدار ايهي

## ”منٺار پرين! دل ٺار پرين“

تون ياد ڪرين يا ڪين ڪرين، پر مان ته توکي پيو ياد ڪندس
تون پيار ڪرين يا ڪين ڪرين، پر توکي ڏسي دل شاد ڪندس
اهڙو اچي ويو دور پرين آهون ٿا ڪيون پر ڪين ليڪين
تون داد ڪرين بيداد ڪرين، پر مان نه ڪڏهن فرياد ڪندس
سانگي جي فضا سانگي جي غذا، قربان زميِنداري ڪري
سانگي ڪي ڇڏي تو ڏانهن لڏي تنهنجو شهر اچي آباد ڪندس
جڏهن ڪان ٿيو ديدار سندي بي آب ماهي جي جيان حال ٿيم
منهنجي دل ڪي مليو نه قرار ڪڏهن، محمد پاڪ جو شهر آباد ڪندس
راتين جو پئي من يار منجهي ڏينهن گذري پيو ڪرڪي ۽ ڪنجهي
ڪڏهن ڪان نه رهي حالت آ ڳجهي تنهنجي چانئٺ چمي دل شاد ڪندس
پيري جو پهرتو وٽ ٿئي گذر، اڪڙين سان پسان شل تنهنجو شهر
سانگي جو مديني ٿئي ڪو سفر، زندگي نه هتي برباد ڪندس

## "شاهراهه عشق"

شاهراهه عشق و محبت پر خطري اي جان من
راهه ان تي جو هلي ٿئي دربدر اي جان من
ڪين پيو ڪوئي پتوپ پيري اچي وئي اوچتو
عشق و محبت جو مزو پر تازه تر اي جان من
مون مزا ماڻيا سفر ۽ سير جا ڪيئي مگر
سي مڪ مديني يثرب جي مثل مٽ ناهن سفر اي جان من
موج ۾ گذري حياتي پئي سندم گهر ٻار سان
ڪين وسري سو سفر پر روح پرور اي جان من
هن جهان جو هر مسافر راهه پنهنجي آهه وٺندو
راهه محمدجي مگر سڀ کان آ بهتر اي جان من
آرزو آهي الاهي بخش جي هڪڙي اجان
عرض "سانگي" جو اگهي ٿئي حج ٻيهر اي جان من



## "ڪلم حق"

ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان مون چا ڪيان ۽ چا چوان
يار سڀ ناراض ٿيندا جيڪڏهن تو سچ چوان
" ڪوڙ ڳڙ ۽ سچ مرچان" ويا آهن چڱا چئي
ڪين سچ ڪنهن کي وڻي ٿو چو بيان ان جو ڪيان
دور ماده آ پرستي جو روان ۽ ٿيو دوان
جو اختلاف عالمان دين جو آهي ثمر
سربراهه قوم کي ڪرسي بچائڻ جو فڪر
ملڪ پيل ٽڪرا ٿئي پر هو رهي ڪرسي مٿان
روز افزون اڄ مهانگائي ڪيو آهه چٽو
قوم جي هر فرد کي توڙي هجي پير و جوان
ڪيئن غربت ملڪ و ملت جي ڇڏي جند جان من
چند ماڻهن جو آ قبضو ملڪ جي دولت مٿان
وئي وڌي بيروزگاري علم وارن ۾ گهٽي
بک بڇڙي آ بلا جا تي ڪري ڌاڪو نوان
اڪثريت ۽ اقليت جي فيل پاليسي وئي
عدم ۽ انصاف تي هلندو اسان جو ڪاروان
جيسيتائين ڪين آ خوف خدا انسان ۾
ڪين ٿيندا قوم جا ڪنهن ڀي طرح ڪم سڀ نوان
عرض " سانگي" جو اگهي شل سپر زمين هي پاڪ ٿئي
گامزن بر راهه راست ڪامران ۽ شادمان

## "اعتراف ۽ التجا"

گنھگار آھيان، سيه ڪار آھيان
خطا ڪارا آھيان، جفا ڪار آھيان
بندو تنھنجو مولا مون بدڪار آھيان
سزا سخت جو مون سزاوار آھيان
گناھن تي ليڪن، شرمسار آھيان
رحم ۽ ڪرم جو طلبگار آھيان
ملي معافي مولىٰ عرضدار آھيان
گناھن کان مولا مون بيزار آھيان
گناھن ۾ گذري سڄي زندگي آ
ڪيم ڪانہ تنھنجي خدا بندگي ڪا
پکيڙيم دنيا ۾ گنه گندگي جا
ختم ٿئي خدايا پر آ گندگي سا
ڪيم پاڻ آلاڻ آلودگي جا
رهي تي شب و روز آفسردگي سا
ٿيان نيڪ پانھو، ڪيان بندگي ڪا
سنڌ قرب محبت سان سرشار آھيان
خطائون ويون تي جو انسان آھيان
گناھن سبب مون پشيمان آھيان
محمد جو هر دم ثنا خوان آھيان
مولا تنھنجو موحد مسلمان آھيان
سندم تر جو مون پي چڱو خان آھيان
غندن لاءِ قهري خدا ڪانُ آھيان



سنڌ سلامت ڪام

اگر آھ پيري مگر جوان آھيان
محمد ۽ تنھنجو پرستار آھيان
ڇڏيان تو ڇڏيان دنيا جي ڏنڏن کي
ڦٽي تو ڪيان پيو سمورن ڦڏن کي
ڪيان تو بسيرو نُڪن ۽ تَڏن کي
ڇڏي عيش عشرت دنيا جي مزن کي
وسايان تو هاٽي مساجد ، منارن کي
ڪڍي مَنَ مان مذهب جي ڪوڙن بتن کي
ڪيان دور انسان جي دردن دکن کي
اڙين ۽ غريبن جو آڌار آھيان
دنيا آھ فاني،فنا جو فسانو
ختم آھ ٽيٽو ڪنو ڪارخانو
نہ رهندو ڪٽي ڪو، ڪوئي آشيانو
حقيقت تو ڄاڻي سڄو ئي زمانو
لڏيندو ڪٿو جنھن جو هٿ آب و داڻو
ٿئي "سانگي" جڏهين، دنيا مان روانو
ملي جاءِ جنت ۾ ٿئي شادمانو
شفاعت سنڌ جو خواستگار آھيان

www.sindhsalamat.com

## "عرض"

عرض منهنجو آهه مولا مچ سندم دل جي صدا
خوش و خورم هر دم رهي تنهنجي در جو هي گدا

گوشه تسڪين قلبي هن بندي بدڪار جو
آ مڪي منجهه ۽ مديني هر زمان و سدا

ڪر عطا رزق حلال و پاڪ صاف آب و داڻو
پيءُ ڏاڏي جي زمينن مان ته ڪائون پيا سدا

پهر پيري جو پڳو آ ڪر سنڌ ۽ نظر ڪرم
خير سان گذري وڃي جيئن تنهنجي هي بند و خدا

منهنجي ٻچڙن ڪي سدا ڪر سرخرو هر دو جهان
ڏي نه ڏک ڪو تون ڪڏهن تن ڪي اي منهنجا خدا

آشيانو هي الاهي بخش سانگي جو سدا
تا قيامت تابنده آباد رکجان يا خدا



## دعا در درگاهه ايزدي

معافي وٺان ٿو مولا پنهنجي گناهه جي
دل ٿي گهري دعا تنهنجي پناهه جي
ساري عمر گذر ٿي، ڪجهه ڪين ڪي ڪيم
جوڀن جواني پنهنجي رائگان ٿي ويم
مهڻا ملن ٿا مولا، غلطيون ئي مان ڪيم
سامهون ٿين ٿا پنهنجا، ڪجهه مون اگر ڪچيم
منهنجون چڱايون سڀ برباد ٿي ويم
هاڻي اچي لڳي آ، پنهنجي ساهه جي.
ڪم زور ٿي ويو هاڻ،پوڙهو ٻه ٿي ويو هان
سانگي ٻه ٿو رهان، پيروسڪر ٻه ڪيان
محتاج ڪين آهيان، ڪم ڪار ٿو ڪيان
تڏهين ٻه ڪين ڪنهن ڪي هينئر ٿو مون وڻان
الزام ٿا لڳن پيا سي ٻي ٿو پيو سهان
تدبير ڏسڪيان، سيني سان ٿاهه جي
دنيا چون دورنگي، ڪنهن سان نه جنهن آ پاڙي
ڪنهن ڪي چوان مان پنهنجو سيڪو ڏسان ٿو پاڙي
پاليا پڙهايا مون جي، تن ٻي آ دلڙي ساڙي
آهيان دعاگو سڀ جو، وڏندي سندن پئي واڙي
ناهيان مان چور ڪنهن جو، مڏڙي نه ڪنهن جي تاڙي
اڳتي ڪجاڻ ۽ خير پيو پارت ٿي راهه جي

دل تي غبار غم جو،سينو ڪباب آهي
ڇانيل اجان بہ بخت تي ، شايد سهاب آهي
جوڀن جواني زندگي، مثل حباب آهي
هر جاندار جو وڃڻو شباب آهي
هلندو دنيا مان هر ڪو، توڙي نواب آهي
جاگير آ نہ دنيا، ڪنهن ڀي گدا يا شاهہ جي
"سانگي" آ صاف صوفي، جنهن وٽ نہ ڇوت ڇات
ماري ڪيو آ من کي، مڙسي سان مرد مات
مولا ڏسي نہ ڪنهن جي، ڪڏهين ٿو ذات پات
سبحان آهي سڀ جو، پڇندو نہ ڪنهن جي ذات
ٻولي نہ ٻول ٻي ڪا، والي جي وائي وات
هر ڪنهن سان ٺاهہ ڪر، ڇڏ واٽ ڏاهہ جي



## "تمنا"

پيري سندو پهر گهر ٻار ساڻ گذري
محبوب يار مٺڙي منٺار ساڻ گذري
دل تي اچي نہ غم ڪو دلدار ساڻ گذري
واندو ويهان نہ ڪڏهين وهنوار ساڻ گذري
اجڙي ويل زمين کي گلزار پيو ڪجي
غفلت منجهان سڀن کي بيدار پيو ڪجي
آئي وئي غريب جو سهڪار پيو ڪجي
سانگي جي سر زمين تي خنڪار ساڻ گذري
محتاج ٿيان نہ اولاد توڙي ٻئي جو
ويندو صحتسلامت، ٿورو ڪٽان نہ ڪنهن جو
روزو نماز ٿئي ادا، ڪم پيو ڪيان اڙين جو
ڏک ڪين ڏسان، پيڪار ساڻ گذري
هيٺن جي ٿئي حمايت وهواهہ ٿي وڃي
ڪنهن سان نہ ٿئي عداوت، وهواهہ ٿي وڃي
غربا سان ٿئي سخاوت، وهواهہ ٿي وڃي
باقي عمر سندم، منٺار ساڻ گذري
پرورش ٿئي ٻچن جي، آرام ساڻ گذري
ڦٿڪار آ ڦڏن تي، آرام ساڻ گذري
جهيڙو ڪجي نہ ڪنهن سان، آرام ساڻ گذري
سانگي جو روزو شب غمٿار ساڻ گذري

## ”سفر“

عرصه جواني ٿيو گذر،پيري جو پهتو آ پهر
آ خدا جو پر ڪرم، پيو گهمان ٿو هر شهر

پيار وارن جا پون ٿاپور پلپل روز و شب
آهه مجبوري گهمي پر سگهون تن جو نه تر

لک احسان رب جا جنهن ڏنو اولاد صالح
مال مڏيون حسب منشا، ڪين جهڪندو ڪنڌ ڪر

انقلاب وقت جو ڪهڙو ڪجي يارو بيان
ڪونه ڪنهن ڪي ڪو سڪون جنگ، جهيڙو بحر و بر

زال توڙي مڙس ۽ اولاد جو جهيڙو هلي
روز ڏاڙا ڦرون ڪونه حاڪم جو آڌر

عرض ”سانگي“ جو اگهي ڏک نه ڪڏهين ”هُو“ ڏسي
هن دنيا مان خير سان”هُن“ جو عزيزو ٿئي سفر



## ”نيت بد روئي رد“

اوڄاڻي او دي پر تون اپڻي توڙ نياءَ
ڇا ڪندو ڪو يار ڪنهن جو ڪندو حڪم جي ڪين خداءَ
عمر پرائي آهه امانتڪين ڪو تنهن ڪي آهه بقاءُ
ڪرڻو هجڻ جو اڄ ئي ڪر ۽ ڪين ويهي تون وقت وڃاءَ
نيت ٿئي ٿي نانگ عزيزو، ڪائي وڃي ٿي ڪوٺن ڪي
سوچ پلائي هر ڪنهن جي ۽ تون،وير نه ڪنهن سان پاءَ
اندر ۾ هڪڙي پاهر ٻي، ٿي ريت آ راڄن ۾
جيڪو ڪٽندو ڪڏ ٻين لئه، ڪرندو ان ۾ پاڻ ئي يار
جيڪو پلائي ڪري ٻين سان، برڪت ان جي ئي لاءِ
”سانگي“ الاهي بخش گهميو تو آهي پرين جو پار
”هٿ ڏيئي يا ڪين ڏيئي ڪو تون پاڪر سڀ سان پاءَ“

## "حال دل"

دل جي حالت دوستو، ڪهڙي چئي ڪهڙي چوان
من جو اندر آ جهري پيو ۽ ڪرڻ تي آشيان
ڪو مزو دنيا ۾ قطعي ڪونہ ٿو مون ڪلي اچي
آهہ باقي زندگي جا سا پيو پوري ڪيان
آهہ بهتر گهار دنيا ۾ مسافر جي مثل
جيئن آئين خالي هٿئين تيئن ويندين تون هتان
بي ثباتي آهہ دنيا جي ڪان هر ڪو باخبر
آهہ طلسم جو چڪر اهڙو نہ ڏي ٿو ڪو ڏيان
رزق جائز جي طلب آ فرض توتي تي مگر
هڙپ بين جا حق ڪرين تون پيو متان
ڳوٺ "سانگي" ساهہ سيباڻو وساري ڪين ڇڏ
خير خيراتون نئين مسجد بنائج ۽ مڪان
خدمت خلق خدا ۾ خرچ ڪر پيو مال و زر
توکي ملندا ڏهہ دنيا ۾ ۽ ستر منجهہ هُن جهان
عمر ساري جي عبادت ڪان عدل هڪ ڏينهن جو
آهہ بهتر تون وڃي پڇ ڪنهن وڏي بزرگ ڪنان
پيءُ وانگر ڪلمہ حق تون چئي ڏيچا بہ ٿئي
حق وارن جي مدد ڪر بي خطر رات و ڏينهان



جاءِ نشين ٿي آهہ مفتي ويو سندم دل جي اندر
رهبري ان جي سندو "سانگي" ڪري ڪهڙو بيان
سير خاطر خوبصورت تيزرو ڪا ڪار گهرجي
جنهن ۾ پنهنجي من گهرئي محبوب سان گهمندو رهان
موج مستي موجزن آگر وٺي پيري وئي
پرت جو پياسي هان يارو! واس وٺندو ٿو رهان
سال ويا گذري گهڻان توسان ملي ئي منهنجا مٺا
آءُ محفل ڪي مچايون وات ڏسندو ٿو رهان
ڇو وئين پيرو پيجي ڪهڙي خطا تي آ وئي؟
ڏي سزا اهڙي نہ دلبر تي جدا تو ڪان وڃان
تو ڪيان گڏ ساز و سامان بزم محفل مچي
جذبہ دل ٿئي جوان ۽ يار سان نچندو رهان
عشق ۾ آهي مزو جو عاشقن ڪان سو پڇو
سر چڙهي سوري مٿي يار محب سان ملندو رهان
ير نہ وڃان ڪنهن بہ غندي جي هجي ويجهو ڪٽي
ڪين موذي جي ڪڏهن پيي ڪا مدد هرگز ڪجان
سير خاطر خوبصورت گهر اڳيان باغيچڙو
ٿي وڃي سرسبز جلدي پنهنجي اکين سان ڏسان
سنڌ ساري جي حسينن ڪي سڏائي پاڻ سان
"واهہ جانب" تي وٺي "سانگي" سندن پڪنڪ ڪيان

ملڪ جي مڙني فقيرن کي گهرائي هيج مان
خوب "سانگين" ۾ انهن سان صحبتون ويٺو ڪيان
اولياءُ الله جي سيني مزارن تي وڃي
بزرگن جي صحبتن جو فيض پيي وٺندو رهان
مک مثل ماکي ۾ تي تون ڪينوچ غرق و فنا
هٿ هجئہ پيل ڪار ۾ دل هجئہ دلدار سان
آ ازل کان ئي اندر ۾ تي صحبت موجزن
اي عزيزو حال هي آ ڇا ڪيان ڪاڏي وڃان
زندگي گذري سندم آ درس ۽ تدريس ۾
تنهنڪري ٿو تربيت تعليم ٻچڙن کي ڏيان
جي اچي ڪو مرحلو مشڪل زماني ۾ ڪٿي
رهنمائي ڪر سندم اي مالڪ ڪون و مڪان
آ تڏو تونري سندم تي بسترو ويو ۽ ڪٿو
ڪين گهٽ آ پر مزي ۾ بستري سو قوم کان
عرض مولا آهه منهنجو خاتمو بالخير ٿئي
شل هجي ڪلمو زبان تي مرڪندو تو وٽ اچان





## "آرزو"

روح جي راحت محمد مير و مرسل يار آ
درد دل جو دائمي دارون دوا دلدار آ

زندگي گذري گنهگاري ڪندي اي همنشين
هاڻ پيري " ۾ مگر محمد ٿيو منٺار آ

هڪ دفعي حج تي ڪيم ديدار محبوب خدا
هاڻ هر دم هر جڳهه ميسر سندس ديدار آ

خوبرويان مجازي مه لقا محبوبڙا
ويا سيئي وسري جڏهن محمد جو ٿيو ديدار

سڀ ڇڏيونمر مون زوراوريون ۽ گنهگاريون خدا
ٿيو جڏهن کان مير مرسل من سندمر تي سوار آ

آ تمنا روح " سانگي" جي مديني موت ٿئي
ڪو مزو ڪونهي هتي دل جو ٿي بيدار آ

## ”انصاف جو نيلام“

ٿو سر بازار ٿئي انصاف جو نيلام اڄ
ظلم ۽ بيداد هر هنڌ آ ٿيو سربام اڄ

ٿيو لنڊن ۾ لوفرن جو هٿ قدر اي دوستو
۽ شريفن عالمن جو نانءُ ٿيو بدنام اڄ

هير ڪا اهڙي گهلي جو ويا وفا جا وڻ سڪي
جو ڪري محبت سچي سو ٿي وڃي بدنام اڄ

جو چوي ٿو سچ ڪنهن کي سو وٽي ٿو ڪين اڄ
ڪوڙ ڳڙ ۽ سچ مرچان سچ ٿيو بدنام اڄ

چو طرف چرخو هلي پيو هٿ ٽڳي ۽ ٺاهه جو
ٿي سچائي ۽ صفائي پئي سهي آلام اڄ

ٿي الاهي بخش ”سانگي“ راهه حق تي گامزن
ڪڻ صراحي پر ڪري پيءُ سچ سندو ڪو جام اڄ

## ”ڪڻ ڪلو تہ ٿئي پلو“

حالات زندگي ٿيا بد ڪان بہ يار بدتر
تن ڪي ڪجي صنم ڪيئن؟ بهتر ۽ خوبتر؟
ڏاڍو وڏي ويو آ، فتنو فتور اڄ
مئخوار موج ۾ پر مومن آ دربدر
مسجد ۾ مارڌاڙ پر، مئخانو بيخطر
حيوان ديدور پر انسان بي بصر
ڪونهي قدر ڪٿي پي شرفا جي جنس جو
شودن جو شان هر هنڌ مڃجي ويا قدر
غنڊن جو آ علاج مضبوط موچڙو
چاهيو جي خير؟ڪٽجو سوٽي سدا سٻر
جيڪو مڙيو سو مئو جيڪو ڀڳو سو ڀاڙي
سچ آ چيو سياڻن توکي نہ ڪا خبر
سامان حرب ڪٽجي هر دم پيو پاڻ سان
دعويٰ سان مون چوان ٿو ڌاڪو نہ ايندو گهر در
پنهنجو بچاءُ هر دم ڪرڻو آ پاڻ کي
ٻئي تي نہ ڀاڙ ڀاڙي دلبر ڪو ڏيان ڏر
انسان آ اڪيلو آيو بہ آ اڪيلو
وڃڻو بہ آ اڪيلو توکي نہ آ خبر
جيئڻ جو حق دليري نہ تہ آن ڪلر ۾ ڪيري
ويري ڪندا ۾ ڍيري ويرن تي ڪر سو وار
هر مرض جي دوا ٿي آهي جدا جدا
”سانگي“ جو سرتري تي، هن جا سلامي شير


www.sindhsalamat.com

## "عجب دور"

آيو آ عجب دور غندن آ وتو زور
ماڻهو آ ٿيو ڏور چهرو آ ٿيو مور
هر شيءِ ۾ ملاوٽ ماڻهو ۾ ملاوٽ
هر طرف ذلالت چو طرف رڳو شور
محبت نہ رهي ڪا شفقت نہ رهي ڪا
صحبت نہ ملي ڪا هر فرد ٿيو بور
تعليم ڪٿي آ تهذيب ڪٿي آ
تربيت نہ رهي ڪا هر طرف جبر جور
ڪرسي آ جنهين وٽ هر شيءِ آ تهين وٽ
ماني نہ ڪنهن وٽ ظالم جو هلي زور
آرام نہ ڪٿي ڪو ڏاڙيل جو ڪٽڪو
مسڪين تي ڪٽڪو خوس خورم رهي چور
وهواهہ جمهوريت چو طرف نحوست
گهر گهر آ تي غربت فوجن جو اچي دور
هاري آ پريشان مزدور پريشان
انسان پريشان مانيءَ نہ ملي پور
ڪنهن جي نہ ٻڌي ڪير لومڙ آ ٿيو شير
ياڳئي سان وڏو ويرہ آزاد گهمي چور
سچ جي تا چئون يار ماڻهون تا ڪائڻ خار
ڪو ڪين لهي سار " سانگي" آ ٿيو طور



سنڌ سلامت ڪام

محب اهڙو ڪو ملي درد دل جو ٻڌي
پرت اهڙي پيو ڪري روح ريڊو پيو وهي
يار اهڙو ڪو هجي ڪين ٻئي سان جو ملي
صرف مون سان پيو وهي ٻئي نہ ڪنهن ڏي پيو ڏسي
پراز دل ۾ جو رکي ڪين ٻئي سان جو سلي
پيار اهڙو ڪري جو تا قيامت رهي
يار اهڙو ڪو ڪجي پيار مون سان جو ڪري
پيچ اهو جو وجهي ڪين جيڪو ٽٽي
عمر ساري وئي چا وڃي آ رهي
قبت تي جو اچي قرب سان قل پڙهي
ڪو جو اهڙو ملي واڳ ان کي ڏيان
حڪم ان جا مڃان سر بہ صدقي ٿئي
عرض " سانگي" ڪري يار جاني ملي
گهور ان تان وڃي موج مستي جو پيو ڪري
يار هڪڙو ئي هجي جو خدا خود هجي
ٻيو محمد هجي ٿي روانو وڃ مڪي
محب مدني هجي ٻيو نہ ڪوئي هجي
دلربا سو ئي هجي ٻيو بہ "سانگي" ڪو هجي

www.sindhsalamat.com

## ”رفتار زمانہ“

درد هزارين دوا نہ ڪائي، ويڄ هزارين شفا نہ ڪائي
عشق اڄوڪو يار توائي، جي نہ ڏنئہ ڪجھ يار هوائي
توبہ زاري توبہ زاري، عمر ساري اسان گنوائي
پڇر پرائي ريت نرالي، هر گھر آئي اسان نيائي
مڪان اهو ئي مٽي اهائي، زمان اهو ئي زمين اهائي
محب اهي ئي وفا نہ ڪائي، اسان تہ ليڪن توڙ نيائي
باغ اهي ئي ، ڏاغ اهي ئي ، بلبل ساڳي، ٻولي ٻيائي
شاهہ گدا سڀ ڪائڻ وارا، مست هزارين دعا نہ ڪائي
يار اڄوڪو حال نہ پڇ، ڏاڍن جي ٻي حال نہ پڇ
هيٺن جو ڪو حال نہ پڇ،ڏاڍن جو ٻي حال نہ پڇ
مون کان ڪوئي سوال نہ پڇ، مال ۾ پُر پَرَ صفا نہ ڪائي
اڃان نہ ترسو دور اچي ٿو، ترس نہ ڪوئي ڪنهن تي ايندو
پنهنجو پرائو ڪوئي نہ ڏسندوهر ڪو پنهنجي پيٽ پريندو
ڏاڍو رهندو مسڪين مرندو، مڙندو جيڪو سوئي مرندو
ڏاڙ پئي هٽبي جان ڏيڻ جي، ٿيندي نہ ڪائي وعده وفائي
عشق الاهي بخش سانگي جو، سون تي يارو چڻ تہ سهاڳو
ساهہ بہ صدقو جان بہ صدقو سر تي صدقو يار نياڳو
قول جو يارو، پڪو پختو جڏهن بہ ملندو ساڳيو ئي ساڳو
صاف ۽ سترو طور طريقو دل ۾ رکندو دغا نہ ڪائي



## ”منزل مقصود“

مون ڪتي ۽ ٿي اڃا منزل ڪتي
من خدا مون کي ملي منزل ڪتي
جا پڄائي منزل مقصود تي
ساري مون کي ملي شل ڪتي
من وڃي مسرور ۽ مخمور ٿي
جي ٻڌان ٻولي مٺي ڪوئل ڪتي
سڀ سندم قربان ڪيان مون گر ملي
درد جو دارون دوا درمل ڪتي
اي صبا قربان توتان مون وڃان
جي ٻڌائين منهنجي آ مومل ڪتي
شادمانا ٿي وڃن جي هو اچي
قرب جي ڪا هڪ ڪري محفل ڪتي
شاعرن جي شاعري ٿي خوب پر
آ انهن ۾ جذبہ بيدل ڪتي
رونق هر دو شهر آ خوب پر
روهڙي ڪتي ۽ پنوعاقل ڪتي
دل اندر آ موجزن رنج و الم
جا اهي صدما سهي سا دل ڪتي
دور دنيا جو اٿي فاني فنا
ڪين ٻڌندين نغمہ بلبل ڪتي

جن چڙهيو پاليو وڏو ڪيو
سو ابو" ماڪن" امڙ قادل ڪتي
چا خوشي مير ٿئي خدمت ڪندي
سا پين شغلن منجهان حاصل ڪتي
پرت جا پياسي پراڻا ويا مري
ڪيئن مير ٿئي قرار دل ڪتي
سار " سانگي" جي لهي دلبر اگر
ڪين مشڪل ڪار هي اي دل ڪتي

## "اي عزيزو"

اي عزيزو! شام جو مون سان ملڻ ايندا ته ڪيو
حال احوال دل جا ڏيڻ وٺڻ ايندا ته ڪيو
فوت بابو ٿي ويو من جو مزو ويندو رهيو
درد واري دل سندو درمان ڪرڻ ايندا ته ڪيو
موت بيٺو آ مٿي تي نيت وڃٹو ساھ آ
زندگي ۾ ڪا گهڙي مون وٽ ويهڻ ايندا ته ڪيو
زندگي آ بي بقا ان تي نه ڪو ڀروسو
قرب واري ڪچهري مون سان ڪرڻ ايندا ته ڪيو
ڏينهن گذري ٿو وڃي محنت مزدوري ۾ سڄو
واندڪائي جو مزو مون وٽ وٺڻ ايندا ته ڪيو
ٿو الاهي بخش "سانگي" رند سانگين ۾ رهي
پرت جا پياسي پرين، محبت وندڻ ايندا ته ڪيو


www.sindhsalamat.com

## ”ياد رفتم“

گل هيا گلشن هيو، گلروءِ هيا، موسم بهار
ساحل سنڌو هيو دامن ڪج ڪوهسار
ساز سرندا چير ڇُمڪا ناچ گانا بيشمار
محفل رند متي، ميسر حسن جا شاهڪار
گردش جام و صراحيءَ ٻين پيا ميخوار
موج مستي ۾ اچي ويا سرڪ پي سڀ بيقرار
بيدل و بيڪس جي پروانن اچي چوري ڪا تار
روهڙي ٿي موجزن ۾ مرڪز عشق و پيار
روهڙي جي گهور جا گهايل ڏٺا ٿم بيشمار
جن جا ڪپڙا، دل جا ٽڪرا جسم ۾ جان تارتار
واٽ ويندي حور هڪڙي جا سهي تير نظر
ٿي ويا ”سانگي“ جهڙا ڪيترائي گرفتار

## ”پيري“

پس پيريءَ جا پرڪار پرين، پس پيريءَ جا پرڪار پرين
ٿو ڏار رهين دلدار پرين، تڏهين ته ٿيا هي حال پرين
هڪ لانديءَ ۾ ٿو يار رهان، گڏ ڪڙمي ۾ ڪمدار ڪيان
گهر گهاٽ صحن گلزار ڪيان، من ۾ آ مگر تنهنجي تار پرين
ايڏو نه مون ڪان رهه ڏار پرين اچ پيار جي ڪريون سڪار پرين
توتي ٿي اچي پئي خار پرين، چنچر تي اچي لهه سار پرين
تنهنجي منهنجي پرت پراڻي، ڪڏهين نه ٿيندي پاڻي راڻي
منهنجي دل جي تون آ راڻي، آءُ مٺا منٺار پرين
ڪار ٻه تنهنجي يار، حوالي ٻئنڪ ٻه تنهنجي يار حوالي
ٻچڙا تنهنجي يار حوالي، مان پڻ تنهنجو يار پرين
”سانگي“ هر دم توکي ساري، ٻئي ڏي ڪڏهين ڪين نهاري
ويهه نه ”سانگي“ يار وساري، ٻانهن جا وجهه هار پرين


www.sindhsalamat.com

## "لب جانب واهه"

لب جانب گلستان ۾ مچي منٺار جي محفل
مئي مدهوش ڪُن سان گڏ هجي دلدار جي محفل
هجي هر دم ميسر دل دلدار جي محفل
رهائش سان گڏوگڏ جا اتم ميسر ننڍي مسجد
انهيءَ ۾ شل هجي قائم ذڪر اذڪار جي محفل
عمر ساري گذر تي آ گناهن ۽ فسادن ۾
مگر هاڻي ميسر ٿي نبي سردار جي محفل
مٿائي جاءِ ڪهنه کي بنايم آشيان اهڙو
جتي هر دم مٿل آهي چڱي گفتار جي محفل
اجان پي ياد تازه آ بتان خوبرويان جي
وساري تن سين کي پر مچايم يار جي محفل
سلامت شل رهي "سانگي "سندي بلبل سدا هم دم
رخ زيبا اکين آڏو مچي ميخوار جي محفل



## "خيالات پريشان"

دل ٿي چوي تہ يار سان، ويهي گهڙيون ڪي گهاريان
پيري جي هن سفر ۾ زخم جگر ڪي ٺاريان
جاني هنيون آ جيءَ ۾ ٺاهي ڪوڪان قهري
بيڪار سڀ دوائون، دلبر جي ديد ڏاران
تقدير مخالف، تدبير ڇا ڪري
محبوب ڏي نہ منهن تو جنهن ساڻ اور اوريان
نوخيز گل جي مڪري، مرجهائجي وئي
ٿيندي ڪڏهن شگفتہ باسان تو وڻتو باسيان
محبوب ويو رسي آ، من پيو سندم منجهي آ
ڪڏهين سکر ڪراچي ڪڏهين تو سانگي گهاريان
"سانگي" ڪيو آ فيصلو عشق مجازي ڇڏجي
پيري مڪي مديني، محمد جي در تي گهاريان

www.sindhsalamat.com

## کس طرح

کوچۂ جاناں میں گر جاؤں تو جاؤں کس طرح
ماجرائے دل سناؤں تو سناؤں کس طرح
درد دل درد جگر ، حالت جامہ دری
ہائے دلبر کو دکھاؤں تو دکھاؤں کس طرح
ہے رواں دریائے آنسو فرقت دلدار میں
راز دل گر میں چھپاؤں تو چھپاؤں کس طرح
بے رخی دلدار کی سے شیشہ دل چور ہے
اب بتاؤ؟ از سرِ نو گر بناؤں تو بناؤں کس طرح
یار کی تصویر دل میں ہوگئی ہے نقش اب
میں اسے دل سے مٹاؤں تو مٹاؤں کس طرح
وائے قسمت وہ ہوا سانگی ابھی پردہ نشیں
آنکھ اس سے اب ملاؤں تو ملاؤں کس طرح



**خوشخبری**

**محترم الاہی بخش صاحب کی**

**مگر**

**کنھن نہ سجاتو**

**کا اردو ترجمہ اور شعری مجموعہ**

## گنجینہ گوہر

**عنقریب شایع ہوجائیگا**

www.sindhsalamat.com